# ڏونڌ جو سيد

## سندن سوانح حيات ۽ پيغام

از

محمد امين کوسو

١٩٦٩

ايم - ايڇ - پنهور

# سنڌ جو سيد

## سنڌ ۾ سوانح حيات ۽ پيغام



جي. ايم. سيد

# سنڌ جو سيد

## سندن سوانح حيات ۽ پيغام

اڃا پڻ آهين، جي سزاوار سڱين جا،
ويٺا وڇائين، جي سنياسي سٽئين.
— شاھ

از:

محمد امين کوسو

ڏنعو ڇپريون

سال ١٩٦٩ع

ڪاپيون ٢٠٠٠

قيمت ٥٠-١ رپيو

ڇپائيندڙ :- سيد امداد محمد شاهه، ائڊووڪيٽ،
نواب شاهه، سنڌ.
ڇپيندڙ :- زينت پرنٽرس - ڪوڪر محلو،
حيدرآباد، سنڌ.
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# انتساب

تو سنڌيءَ جي نالي ڪريان ٿو، جنهن کي سنڌ جي عزت ۽ بقا جو فقط احساس ئي ڇو نه هجي.

عزيز آباد، انڙ واهه،
ضلعو جيڪب آباد.
١٢-٨-١٩٦٨ع

—محمد امين کوسو

# فهرست مضامين


| جريان نمبر | عنوان | صفحا |
|---|---|---|
| ١– | علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جا تاثرات | ٧ کان ٩ |
| ٢– | تعارف جا ٻہ اکر | ١١ کان ١٨ |
| ٣– | ابتدائيہ | ١٩ کان ٢٤ |
| ٤– | باب پهريون: سندن شخصي زندگي | ٢٥ کان ٢٧ |
| ٥– | باب ٻيو: سندن مذهبي عقيدا ۽ ڪردار | ٢٨ کان ٣٠ |
| ٦– | باب ٽيون: سندن سماجي ڪردار | ٣١ کان ٣٩ |
| ٧– | باب چوٿون: سندن سياسي ڪردار | ٤٠ کان ٦٤ |
| ٨– | باب پنجون: سندن ادبي ڪردار | ٦٥ کان ٦٨ |
| ٩– | آخري ٻہ اکر | ٦٩ کان ٨١ |

## علامه آءِ آءِ قاضي عليه الرحمه جا سيد عالي مقام لاءِ تاثرات

كين ٢٠ فيبروري ١٩٣١ع تي خط ۾ لکن ٿا.

"تنهنجي اسلام جي روحاني تشريح دل کي تازو ڪري ٿي. تنهنجي لکڻي اهو ثابت ڪيو آهي تہ چڱن جا اولاد چڱا ٿيندا آهن. اها ساڳي جوت تو ۾ ٻري رهي آهي، جا تنهنجي وڏن جي ارشاد ۾ نمايان هئي .... اهو تنهنجو سوزدرون ڪڏهين شعلءِ آتش بنجي، 'والله نورالسمٰوات' جا اسرار پڌرا ڪندو.

"'ورايت‌الناس يدخلون في دين‌الله افواجا' جو وقت نزديڪ ايندو وڃي. تون اڳواٽي ڪر. خدا تنهنجو مددگار آهي .... جاڳ ۽ ماڻهن کي خبردار ڪر ...."

كين ١٤ مئي ١٩٣١ع تي خط ۾ لکن ٿا.

"آءٌ سن کي ڪپڙي طور تنهنجي زره ڏڪي سنڌين سان ڳالهائڻ گهران ٿو. آءٌ سنڌ ۾ صرف تنهنجي زره ڏڪي ڪم ڪري سگهان ٿو. زندگيءَ جو اهو بهترين موقعو هو، جو تو سان ملاقات ٿي .... سنهنجي روح تنهنجي روح ۾ سمائجي ڏڪ ورتو آهي ...."

---

كين پهرينءَ جولاءِ ١٩٣١ع تي خط ۾ لکن ٿا.

"سن ۾ رهڻ مون کي پسند آهي .... سنڌ جو ماضي اجا تازو آهي، جيتوڻيڪ اهو هن وقت مٽيءَ ۾ مليل آهي .... غلام‌مرتضي.

مرتضيٰ جو غلام ٿيڻ دنيا جي وڏي ۾ وڏي شهنشاهيءَ کان بهتر آهي. مون تنهنجي وڏن جي روشني ۽ جذبو تو ۾ پرندڙ ڏٺو آهي ...... سن انشاءالله نور مرتضيٰ جي ڪري وڌو ٿي، چمڪندو"

—

وري ڪين ٢٦ جنوري ١٩٣٢ع تي لکن ٿا-

"تنهنجي خط پهچڻ بعد عجيب مظهر پيش آيم:

"سن شريف- هڪ جاءِ ۾ 'اسڪول آف وزڊم' (مڪتب حڪمت) ۽ ٻيءَ جاءِ ۾ 'ورلڊ رليجن' (دين فطرت) جو هيڊڪوارٽر ڏسڻ ۾ آيم. ڇو نه؟ قادر مطلق اڳيان ڇا ممڪن نه آهي؟

"سن شريف سنڌ جو مرڪز آهي. جي خدا گهريو ته هڪ ڏينهن پريان پريان جا ماڻهو سن ۽ سنڌوءَ جي زيارت تي ايندا."

ڪين نومبر ١٩٣٥ع ۾ جهاز مان لکن ٿا ته

"تنهنجي مستقبل بابت مون کي ڪو به شڪ نه آهي .... ايمانداريءَ، قربانيءَ جي مادي ۽ خدمت خلق جي جذبي ڪڏهين به ڪنهن ماڻهوءَ کي ناڪامياب نه بنايو آهي. تنهنجي معاملي ۾ ائين ٿيڻو آهي .... تون طالب علم آهين ۽ مون کي اميد آهي ته ساري زندگي طلب ۾ رهندين .... سنڌ ۾ ماڻهوءَ کي سندس شاندار رستي کان ٿيڙڻ لاءِ گهڻيون ڳالهيون اثرانداز ٿين ٿيون. انهن کان پاڻ بچائج. ان بچائڻ کي تقويٰ چئن ٿا. 'والله مع المتقين'.

"آءٌ توکي بيحد پيار ڪريان ٿو. توکي ان جي پرواهه هجي يا نه! اسان هر شيءِ، جا خوبصورت، سچي، شاندار ۽ ايماندار آهي، ان کي پيار ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿا سگهون."

وري ڪين ٢٣ ڊسمبر ١٩٤٩ع تي لکن ٿا ته

”خدا جي محبت رکندڙ ۽ ان جا ڳولائو خود لطيف جي سرزمين مان به غائب ٿيندا وڃن.

”اهو صحيح نه ٿيندو ته قرآن ۽ لطيف هوندي اسان خالي رهون. لطيف اسان جهڙن نڪمن کي هيئين دلداري ڏئي ٿو:

هڙ ۾ ڪين هئو ن، هوئين هن نه ڇاڙهيا،
سارو ڏينهن سمونڊ تي، لهي سج ويون،
جڏهين صاحب سبب ڪيون، تڏهين سٽڙ ٿيا سيد چوي. (شاهه)“

# تعارف جا ٻه اکر

## ( ١ )

قومن ۽ ملڪن تي ڪڏهن ڪڏهن ڏکيا ۽ ڪٺن وقت اچي ويندا آهن ۽ انهن جو عرصو ڪڏهن لمبو ۽ ڪڏهن تمام مختصر ٿيندو آهي. ان عرصي جي لمبائي ۽ گهٽتائي قوم جي ماڻهن جي غيرت، همت، ۽ ڪم جي وقوف ۽ چاهه تي مدار رکي ٿي. جيترو قوم جلد سجاڳ ٿئي، اوندهه اوتري ٿوري ۽ مختصر.

اهڙن ڏکين ۽ ڪٺن وقتن ۾ قدرت وري اهڙا نامور، همت پريا ۽ سياڻا انسان رهبريءَ لاءِ پيدا ڪري ڏيندي آهي، جو انسان جو ظاهري عقل حيران رهجي ويندو آهي. چوطرف بي حيائي ۽ بي غيرتي هوندي آهي، ته به اهي مرد مانجهي همت نه هاريندا آهن ۽ چيلهه ٻڌيون بيٺا هوندا آهن. جن جي مدد ۽ واهر ۾ هو هوندا آهن، سي جيڪڏهن خاموش رهن ته به ٺيڪ، پر اٽلو اهي ئي بيغيرت ٿيجي، هنن جي مردانه ڪوشش تي چٽرون ۽ ٺٺوليون ڪندا آهن، ته ڪڏهن وري مخالفت ۽ دشمنيءَ ۾ به ڪثر نه ڇڏيندا آهن.

چوطرف اوندهه انڌوڪار، طوفان ۽ واچوڙا- پر اهي روشن دل پنهنجي عمل جو ڏيئو انهن طوفانن ۾ به ڪمال صبر ۽ همت سان جلايون ۽ جيئرو رکندا ايندا آهن. اهو وقت ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. اهڙي وقت ۾ اهڙن محسنن جي احسان کي جن نه وساريو، سي به انهن جا ساٿي ڄڻبا، تن به ڇڻ سيڪجهه ڪيو.

اڄ سنڌ ٻه اهڙين مايوس ڪن حالتن ۾ گرفتار آهي. ڪير آهي سنڌ جي غيرت ۽ بقا جو پاسبان! ڪير آهي، جو هن ڪرنڌڙ ۽ فنائيت طرف وڌندڙ قوم جو سهارو ٿي بيٺو آهي! چاچا تڪليفون سندس رستي ۾ نه آيون! اهڙو شخص جنهن پاڪستان جو بنياد وڌو، قوم جو معمار، ملڪ جو ناهيندڙ- تنهن تي اخبارن ۽ تقريرن ذريعي ڌوڙيا وسايا ويا، ته به هن صبر ۽ استقلال جي پيڪر اف نه ڪئي؛ هن کي جيل ۽ بند ۾ وڌو ويو، تڏهن به هن آهه نه ڪئي.

سنڌ جو سردار ۽ سالار، سنڌ جو مان ۽ شان بچائيندڙ، سنڌ جي صوفين، ولين ۽ درويشن جي دعائن جو مرڪز، اهو مرد غازي ۽ مجاهد، حضرت سيد اعظم غلام مرتضيٰ شاهه سنائي (مشهور جي. ايم. سيد) الله جو عطيو آهي. سندس ذات ظاهري دنيوي معاملات ۾ سنڌ جي بچاءَ جو قلعو آهي. اهو هڪ ٿي بزم سنڌ، بلڪ خود سنڌ آهي. شال الله تعاليٰ کيس وڏي حياتي ڏئي ۽ صحت ڪامل عطا فرمائي، ۽ هو شال سنڌ کي آباد ۽ خوشحال ڪرڻ ۾ جلد ڪامياب ٿئي! آمين! ۽ اسان سڀني جون اکيون ٺرن ۽ دل باغ بهار ٿئي!

---١٧-٠٧-١٩٦٧ع

( ٢ )

حضرت سيد اعظم جي. ايم. سيد، غلام مرتضيٰ شاهه سنائيءَ، سان مان مسڪين جو لاڳاپو نه هتان جو آهي، نه وقتي ۽ عارضي اثرات رکندڙ آهي. هو سيد عالي وقار، مان ٻانهي ذات بلوچ جي- سيد ذات جي غلامن جو به غلام آهيان. خود اها نسبي عظمت منهنجي نزديڪ سڀني ٻين عظمتن کان مٿي آهي. ٻيا ائين نه سمجهن، ته به حقيقت حال تي ڪهڙو اثر پوڻو آهي! آفتاب ٿي رهڻو آهي. انڌو ڏسي يا نه ڏسي. سيد سيد ٿي آهي- ڀوءِ هو پاڻ يا ٻيا ان جو احساس رکن توڙي نه رکن: اها عظمت وڃڻي ٿي ڪا نه آهي، جيستائينڪ ڪو پاڻ کي ان کان قسمت جي ڪوتاهيءَ سبب ٻاهر نه ڪڍي، يعني

ڪفر والحاد ۾ داخل نہ ٿي وڃي. اِها ٿي ان جي پنهنجي نسب سان بغاوت ـ الله پناهہ ڏئي!

سيد اعظم جي حياتيءَ جي احوال تي تعارفي اکرَ لکڻُ مان لاءِ ملڪ سليمان جي بادشاهيءَ کان وڌيڪ پيارا ۽ عزت وارا آهن. ظاهراً منهنجي شناسائي ساڻن سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبريءَ جي زماني ۾ ٿي. پهرينءَ ملاقات ۾ سندس هميشگيءَ جي نيازمنديءَ جي عزت اللّٰه عطا فرمائي. برملا سندس غلاميءَ جو دعويدار آهيان. ـشادم از زندگيء خويش ڪہ ڪاري ڪردم.

ان زماني ۾ بہ ٻئي ڪراچيءَ ۾ رهندا هئاسين. شايد ئي ڪو ڏينهن يا لڳاتار ٻہ ڏينهن سندس ملاقات کان سواءِ گذاري سگهندو هوس. هو ليگ جو ليڊر ۽ مان سنڌ اسيمبليءَ ۾ اڪيلو مسلمان ڪانگريسي ميمبر هوس. شاهہ صاحب پوءِ جلد ليگ جي ذريعي پاڪستان ٺاهڻ جي تحريڪ ۾ امتيازي حصو وٺڻ لڳو. مان سنڌ کي پنهنجي يار، شهيد الله بخش، جي وزارت ۽ حڪومت جي زور تي ان کان بچائڻ واسطي ميدان ۾ مولانا محمد صادق کڏي واري ۽ علامہ حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ سان گڏ نڪري پيس. سيد اعظم سان گڏ منهنجو ٻيو يار غار، سياست جنهن کان مڙن سگهي، شيخ عبدالمجيد سنڌي بہ هو. هن سان بہ ڳانڍاپو اهڙو اٽم، جو الفاظ جي دائري ۾ ماپي نہ سگهي. ٻنهي سان روز جون ملاقاتون بہ رهيون ۽ اختلاف جا طوفان بہ اهڙائي زبردست هئا. اهي بہ نہ هجن ها تہ مان پاڪستان ٺاهڻ کونہ ڏيان ها. اڪثر انهن لوڏن ۾ مان هنن ٻنهي جي ڀاڪر ۾ آيس يا اهي مان سان وڌيڪ شامل ٿيندا ويا. تانجو اللّٰہ بخش، شهيد ٿي، سنڌ جي دائمي آزاديءَ جو دستاويز پنهنجي پاڪ رت سان پوئتان ڇڏي ويو ـ اها ٻي ڳالهہ تہ ڪو هن دستاويز کي پڙهڻ وارو ئي اڄا تائين سنڌ اندر پيدا نہ ٿيو.

سنڌ جي آزادي صوبہ پرستيءَ ۽ تعصب جي معنيٰ ۾ ڪيئن

چوندس ۽ لکندس- شهيد جو رت ته ساريءَ انسان ذات جو گڏيل ورثو آهي. سنڌ جي آزادي انسان ذات کي غمن ۽ ڏکن کان نجات ڏيارينڌڙ خطي جي آزاديءَ جي معنيٰ ۾ چوان ۽ لکان ٿو. سنڌ ذريعو آهي انسان ذات کي آرام پهچائڻ جو. في زمانه سنڌ معنيٰ سيد اعظم جي. ايم. سيد آهي. سيد اعظم جي شخصيت بيان ٿئي ته ڪيئن ٿئي! سنڌ جي هن محسن اعظم سنڌ جي بقا ۽ عزت لاءِ پاڻ کي قربانين جي حوالي ڪيو. هن وقت سنڌ آزاد آهي، جو هن محسن اعظم جو قدر ڪري؟ سنڌ ۾ آها چاڻ آئي آهي ته سيد اعظم سنڌ لاءِ ڇا ڪيو؟ ڇا سنڌي ڪيس سڃاڻن ٿا، يا غير سنڌي ان جو احساس رکن ٿا ته سيد اعظم، جو سنڌ سان محبت رکي ٿو، ان ۾ ٻين لاءِ يعني غير سنڌين لاءِ نفرت آهي ڇا؟ سيد اعظم پوريءَ انسان ذات جو خادم ۽ مددگار آهي- ان ۾ سنڌي غير سنڌيءَ جو فرق ڪونه آهي. اهڙو ڪو موقعو آيو ئي ڪونه آهي، جو غير سنڌيءَ جا جائز حقوق ڪنهن سنڌي جابر غصب ڪيا هجن ۽ پوءِ اهو غير سنڌي سيد اعظم وٽ داد طلب ٿيو هجي ۽ هو مايوس موٽيو هجي.

سيد اعظم انهن مان هڪ آهي، جو الله پاڪ ٻين جي راهبريءَ خاطر اسان کي عطا ڪيو آهي. هن دور جو ٻيو سنڌي سياسي ليڊر، جو دنيا ۾ پنهنجو مثل نٿو رکي، شيخ عبدالمجيد آهي. الله جا ٻه ٻيا برگزيدا ٻانها، بني اسرائيل جي انبيائن مثل، منهنجو پير حضرت عبدالرحمان ۽ حضرت مولانا عبيدالله سنڌي آهن. اهڙا اعليٰ مرتبي وارا الله پنهنجي خاص فضل سان پنهنجي هيڻن بندن جي مدد ۾ موڪليندو آهي. مان سنئين سنڌيءَ ۾ ڳالهايان ٿو- سنڌ جو هيڻو حال ۽ سندس مدد ۾ سيد اعظم جي. ايم. سيد اڃي بيٺو آهي. سندس ۽ شيخ عبدالمجيد پارو سنڌ، پاڪستان يا دنيا اندر سياست ۾ هاڻي ڪو هجي ته اگر ڪٿي اشارو ڪيان ته فلاڻي ملڪ ۾ فلاڻو آدمي سيد جي پايي جو آهي- هي ٻه ئي بي مثل، بي بدل آهن. سنڌ جي اها هيڻي حالت جيڪا عيان آهي، ان جي عزت ۽ بقا لاءِ

قدرت طرفان هن قسم جو ماڻهو موڪلڻ واقعي هڪ معجزو آهي. شينهن کي الله شينهن ڪيو آهي. شينهن پاڻ به ڪٺي رڍن جيان ٻي ٻي ڪري، ته به شينهن ئي رهنو آهي. جڏهين هو پاڻ به پنهنجي اصليت ۽ حقيقت کی مٽائڻ، ميسارڻ يا غلط پيش ڪرڻ تي قدرت نٿو رکي، ته ٻيا ڪهڙي حساب ۾! سيد اعظم جي شخصيت کي ڪير مٽائي سگهي ٿو؟ سندس ڪارنامن تي ڪير پردا وجهي سگهي ٿو؟ قيامت تائين سندس نالو ۽ ڪارناما روشن رهنا آهن.
ـ ثبت است بر جريدهٔ عالم دوام ما.

مان لاءِ سيد اعظم بابت لکڻ جو اجا پورو وقت نه آيو آهي، ته به سندس چاڻ مان کي ڪرائي ٿي وڃي. تازي نظربنديءَ جي هئڻ جي مختصر زماني ۾ جڏهن بندي جي ڳوٺ آيو، ته مان سندس اچڻ جي موقعي جو نالو رکيو ”جشن محمدي“. منهنجو ڀاءُ نظام‌الدين خان ۽ منهنجا به معصوم ڀائٽيا نِڪو خان (عبدالعزيز خان) ۽ ڪِنو ن خان (عبدالسميع خان) سندس خدمت ۾ سرفراز ٿيا. سيد اعظم اسلام جي احيا جي ذريعي انسان ذات جي نجات لاءِ منهنجي واهر ۽ مدد ڪندو. هيءَ سرزمين سنڌ جي دين جي سياست جو مرڪز آهي ـ ۽ عملي طرح ائين ئي ٿي رهندو. احياء اسلام ۽ نجات انسانيت جو ڪم هتان ۽ سيد اعظم سان گڏ شروع ڪرڻا اٿم. مان تي منهنجي آقا پير شيخ‌المشائخ پير عبدالرحمان رحمة‌الله‌عليه پرچونڊي شريف وارن ۽ حضرت مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي خاص رحمت آهي. منهنجي دل ۾ صدها دفعا ائين ظاهر ٿي بيٺو آهي ته عالمِ اسلام جي نجات لاءِ مديني پاڪ، پرچونڊي شريف، دين پور شريف (جاتي مولانا عبيدالله سنڌي دفنيل آهي) ۽ سن شريف کان مان کي امداد ملندي. اِهي محض اميدون آهن ته انهن اميدن ۾ رهڻُ جهاد ۽ مرڻُ شهادت آهي. عالم اسلام جا جڏهن اِهي چار مرڪز مان کي ڏيکاريا ٿا وڃن، ته عالم انسانيت ته عالم اسلام جي ماتحت آهي. اهو ڪڏهين ۽ ڪيئن ٿيندو، ان جو جواب

چاتو سڃاتو، تن تي به الله جون رحمتون آهن. سنڌ کي هن ابدي ۽ ازلي حياتي پنهنجي بي‌لوث، بي باڪ ۽ سيني آلايشن کان صاف خدمتن ذريعي عطا ڪئي آهي. سنڌ هن جياري رکي! سنڌ ۾ ڄايو ۽ نپنو، تنهنڪري سندس ڪمالات کي پورو درجو نه ڏجي ڇا! اهو امتياز الله سنڌ کي عطا ڪيو، جو سياست اندر هن پارو اسان منجهه موجود آهي- دنيا کي منهنجو چئلينج آهي، دنيا جي هاٺوڪيءَ سياست جو پورو پورو ماهر پاڻ کي ڄاڻان ٿو. هن پارو اڄ دنيا جي ڪنهن قوم، ڪنهن ملڪ ۾ آهي ئي ڪونه. پاڪستان هن جي ۽ شيخ عبدالمجيد جي ذات تي فخر ڪري، ته اهو جائز ٿيندو. جنهن قوم ۽ ملڪ کي الله هن جي موجودگيءَ سان نوازيو آهي، ڇا ان جي بيدار ٿيڻ جو وقت نه آيو آهي؟ اُن قوم ۽ ملڪ ۾ ڪين ظاهراً بي قدر بڻايو وڃي- تفو بر تو اي چرخ گردون تفو!

مان لکندو رهيو آهيان - ”سنڌ جو سياسي ڪعبو سن شريف آهي.“ اها سياست نفرت بازيءَ ۽ تعصب واري سياست نه بلڪ انسان ذات جي خدمت جي سياست، اسلام جي خدمت ۽ احيا جي سياست آهي. ان ۾ صوبه پرستي ڏسڻ وارا انڌا آهن. ڇا، اُن ڪعبي جي طواف لاءِ سنڌين توڙي غير سنڌين اڃا احرام نه ٻڌو آهي؟ اهو وقت به اچڻو آهي. اها اٽل ڳالهه آهي، نوشتهٔ تقدير آهي ته سنڌ جو سياسي ڪعبو سن آهي.

جنهن وقت کان هن سان ڏيٺ ويٺ ٿيم، اهڙو ڪو به ڏينهن نه گذريو، جنهن ۾ ٻين اهڙين يادين سان گڏ سندس ياد نه رهي هجي. سندس نظربندين ڪري ڏينهن جا ڏينهن، راتين جون راتيون بي آراميءَ ۽ اضطراب ۾ گذريون. بعض دفعي ساريون سياري جون راتيون مصلي تي گريي ۾ ۽ درود شريف پڙهندي ڏينهن ڪيم. هيءَ سنڌ جي زنده عظمت جو علم آهي. ان سان محبت عين ايمان آهي- طوبيٰ من قامت يار. سيد زادي تي حملو ۽ مان آرامي هجان! حيف! - فڪر هرڪس بقدر همت او ست.

هيءَ گريو ۽ آه و زاري هيڏانهن جون نہ پر جذبات محبت جي غلبي ۽ گهڻائيءَ سبب ظاهر ٿينديون رهيون. مان سندس نيازمنديءَ تي جائز نموني فخر ڪريان ٿو. — اين سعادت بزور بازو نيست، گر نہ بخشد خداي بخشنده. وقت اچڻو آهي — دير يا سگهو — جڏهن ساري سنڌ هڪ زبان ٿي، دعا ۽ فخر لاءِ ڪشمور کان ڪراچيءَ تائين پڪاري اٿندي — ”سيد اعظم جي. ايم. سيد زنده باد“!

— محمدامين کوسو

عزيزآباد، انڙ واهہ
ضلعو جيڪب آباد
٣-٧-١٩٦٨ع

# ابتدائيه

سنڌ ۾ اڄ سياسي خزان آهي. اڄوڪي ته اُن نامياري نالي جو ذڪر پڙهون، جنهن جي نالي ۾ ئي قوم جي بهار جان فزا سمايل آهي. قومن ۽ ملڪن ۾ اڄ سوڌو انهن نامورن جا ذڪر اذڪار ننڍن وڏن جي اڳيان پيش ڪيا ويندا آهن، جن ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪجهه ڪيو. سنڌ هاڻوڪي دور ۾ جيڪي نامور هستيون پيدا ڪيون آهن، انهن جو نظير ٻئي هنڌ نٿو ملي. هيءُ دور اسان جو پنهنجو دور آهي. اخبار، ريڊيو ۽ سينيمائن جو دور آهي- دنيا جا سمورا ملڪ گويا گڏيل آهن. اسان کي ٻين قومن جا حال معلوم آهن، پر اسان وٽ جيڪي ٻئي بها بي مثل آدمي آهن، تن کي گوشهٔ گمناميءَ ۾ ارادتاً رکيو ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ جو سندن ذڪرُ ئي سببُ پوريءَ قوم جي ڪاميابيءَ ۽ ثبوتُ ان جي برتريءَ جو ٻڌجي ويندو آهي.

سيد اعظم جي. ايم. سيد جي حياتيءَ جو احوال مڪمل طور سان، پوري انتظام ۽ خبرداريءَ سان، جيڪڏهن آمريڪا، انگلستان، روس، چين، جپان جي ملڪن ۾ مشتهر ڪيو وڃي ۽ ڏيکاريو وڃي ته سنڌ جي هڪ دور افتاده ڳوٺ ۾ هھڙو بي مثل آدمي ٻين جي نظرن ۾ مجبور ۽ خود پاڻ لاءِ صبر ۽ سڪون جي زندگي گذاري ٿو، ته جيڪر اُتان جا آدمي، جن وٽ وسائل آهن، لکها روپيا خرچ ڪري به هن جي ديدار جو هڪ لمحو حاصل ڪرڻ اچن. الحمدلله- سندس هم نشينيءَ جون سڀ دلفريبيون حاصل

ٿيو. تڏهن تہ ائين لڳان ٿو، چوان ٿو، ڇٽي وري چوان ٿو ــ ماڻهو ڇاڻن نہ ڄاڻن. زمين و آسمان ڪي هن جي ناليءَ ۾ وجدو رقص ڪرائيندو رهندو آهيان. فرشتا ”سبحان رب الاعليٰ“ چوندي، وجد ڪرائيندو آهيان. منهنجون سندس ملاقات لاءِ ٻي تاٻيون عشق و محبت جو هڪ اعليٰ باب آهن. مان وٽس پنهنجي آقا پير شيخ المشائخ حضرت عبدالرحمان رحمة الله عليہ پرچونڊي شريف جي فقير درويش سلطان جي پرشڪوهہ جماعتي جلوس ۾ ٻہ ويس، ۽ پوريءَ جماعت جي ضيافت ڪيائين، ۽ ٻہ پهري ۽ عصر جي نماز باجماعت حيدر منزل ڪراچيءَ ۾ پڙهيائين. ظاهر آهي تہ اِها دعوت ٿئي ئي ڪانہ ها، جي منهنجي دل دامنگير نہ ٿئي ها. سنڌ اندر جن جن سان محبت جو پورو ڳانڍاپو هيم، تن سڀني حضرت سائينءَ جو ضيافتون ڪيون ــ جناب پير حاجي مهدي شاه جهنڊي وارو، حضرات راشدي برادران، خانبهادر الله بخش شهيد، پير الاهي بخش، قاضي فضل الله، حضرت شيخ عبدالمجيد سنڌي، مير بنده علي خان، مير غلام علي خان، حضرت مولانا محمد صادق صاحب کڏو شريف. هت هيءَ جملو لکان تہ حضرت سائينءَ جي وصال کان پوءِ، سيد اعظم جڏهن نظربنديءَ کان ٻاهر ٿيو، تہ پرچونڊي شريف کان ۽ الله بخش جي قبر، شڪارپور، کان ٿيندو، سنهنجي ڳوٺ پهتو ــ ظاهري صورت ۾ دل کي مژده پهتو مديني پاڪ کان تہ اسان جو فرزند توڏي اچي ٿو، ۽ ائين نالو هن آمد جو لاريب ٿيو ”جشن محمدي.“

ها، مان سيد اعظم وٽ پنهنجي پهچڻ جي ڳالهہ ڪري رهيو هوس. راشدي ڀائرن سان گڏ پهتس، شيخ عبدالمجيد سان گڏ پهتس، خانبهادر الله بخش سان گڏ پهتس، پير الاهي بخش سان گڏ پهتس، مير بنده علي خان سان گڏ پهتس، پيرزادي عبدالستار سان گڏ پهتس، آغا عبدالستار جان سان گڏ پهتس، جمشيد نسروانجي آنجهاني (يا، مرحوم ــ ڪير ڄاڻي تہ پڇاڙيءَ ۾ ڪلمو شريف پڙهي مسلمان نہ ٿيو هجي!) سان گڏ پهتس، لالجي ملهوترا سان گڏ پهتس، حاتم

تائين ايندو رهيو. سياست جا باهمي اختلاف به چوٽيءَ تي هئا ـ هڪ طرف اهو، ٻئي طرف مان مسڪين هوس.

جڏهين ڀيرئين دفعي الله بخش جي وقت نظر بند ٿيو، مان صبح جو خانبهادر مرحوم سان ملڻ ويس. حاتم علوي به آتي وينو هو. مان چيو ـ ”يا تون به وڃي سيد سان گڏ جيل ۾ ويھ يا مان کي هن سان گڏ ويهار. تو ن وزير اعظم ۽ سيد جيل ۾ ـ اهو مان کؤن برداشت نه ٿيندو. استعفا ڏي، هڪدم ڏي!“ ”پر ڪامريڊ....“ الله بخش چيو. ”’پر ڪامريڊ‘ مان نه ٻڌان....“ مان ڪاوڙجي چيو. اها خبر ٻئي ڏينهن حاتم علويءَ سيد اعظم سان جيل جي ملاقات وقت ڪئي. جيل کان جيئن نڪتو، مان وٽس ملڻ ويس، ته جذبات کان سندس ڳوڙها منهنجي ڀاڪر ۾ وهي نڪتا. ”حاتم تنهنجو حال ڪيو. مون چيو ته ’بنياد بلوچاڻو نيٺ ظاهر ڪيائين‘....!“

اهو ياد رکجي ته مان هڪ تر جيترو به سندس سياسي خيالن کي حق تي نه ڄاڻندو هوس. هڪ دفعي ڪيس چيم ته ”سنڌ کي تباھ ٿو ڪرين!“ اٿلندو مان کي واعظ ڪرڻ لڳو؛ مان ڪاوڙجي چيو ته ”پاڪستان بڻائين يا جو ڪجھ باقي اها پڪ اٿم، جي مان نه جهليان، ته ڀيريائين اهي توکي قيد ۾ وجهندا ۽ ڦاهي طرف گهليندا.... ڀيريائين وارُ توتي ڪندا.“ ليگ جي ته ڪنهن به ليڊر تي اک ئي نه ٻڌندي هيم ۽ نه ٻڌندي اٿم، سواءِ پنهنجي خاص دوستن جي. انهن ٻين سان ڪهڙو اختلاف هئم! اختلاف ئي سيد اعظم ۽ شيخ صاحب سان هئم. هي نه سُڙيا، اڃا اڳتي ڌوڪيندا ويا. هيڏن اختلافن هوندي به دلي محبت جو هيءُ رشتو روزبروز مضبوط ٿيندو رهيو.

پاڪستان ٿيو ته مان اِها فتويٰ ڏني ته هاڻي گهڻي وقت لاءِ ڪا به ڇيڙڇاڙ بي سود آهي. پاڪستان پاڪن جو ملڪ، تنهن ۾ ڪهڙا سياسي اختلاف جائز ٿيندا! سو چپ ئي علاج آهي.

منهنجي ياراني خان عبدالصمد خان آچڪزئي ۽ خان عبدالغفار خان وارن سان هڪ طرف، شيخ صاحب ۽ جي. ايم. سيد ۽ مولانا محمد صادق سان ٻئي طرف ـ ڪا رواجي ياراني ته ڪا نه هئي. سندن باهمي مشورا منهنجي سامهون ٿيندا هئا، ليڪن مان جنهن راءِ تي قائم ٿيس، اها تاهنوز قائم آهي. مثلاً ون يونٽ جي مخالفت ڪي حضرت سيد اعظم عقيدو ٿو ٻڌائي ته مون وٽ به اهو عقيدو رهيو آهي ته ون يونٽ جي قطعاً مخالفت نه ڪجي. ان جي نه اها معنيٰ ته اهو صحيح حل آهي ۽ نه اها معنيٰ ته هي ڪو خراب آهي، پر مخالفت بي سود ۽ لغو ڇاتيون اچان ٿو هن گهڙيءَ تائين. سياست جا اصول ڪي مذهب ته ڪو نه آهن، جو انهن ۾ تبديلي نٿي آڻي سگهجي. هي وقت خاص وقت آهي، ان ۾ دخل در معقولات فضول ڇاڙان ٿو.

سيد اعظم هڪ لعل آهي. هاڻي ته محفلن جو سينگار آهي، پر جي هيءَ ڪنهن ڪنڊ ۾ هجي ها ۽ ڪو به سياسي ڪم نه ڪري ها، ته به سندس ذاتي جاذبيت سارهيو ئي اثر رکي ها. ڪنڊ ۾ رکيل لعل به ٻرندو. جي انڌن، نپٽ انڌن، جي مجلس ۾ ان کي رکبو ته به ٻرندو ۽ ڀڪندو ـ انڌا ڏسن توڙي نه ڏسن.

هيءَ ستم ظريفي ڪير برداشت ڪري! جن جا پير ڌوئي پيئجن، جن جي پيرن جي خاڪ سرمون ڪجي، انهن منجهان هڪ سيد اعظم ظاهر ظهور ۽ اعلانيه مجبورين ۾ هجي! وٽس اها مجبوري نه به هوندي، پر ههڙن محبوبن تي آلرون، هنن کي هيسائڻ، هنن کي دٻائڻ! جن جي اڳيان پنبڻيون وڇائجن، ته لتون ڏيئي گذرن، اي سنڌ! تو وٽ اڄ اهڙن جو قدر اهو آهي! بي قدري ڪنڌ به تنهنجا پٽ ئي سڏجن ڇا؟ منهنجي سيد اعظم سان بي پرواهي ڪندڙ شال ڇمن ئي نه ها ـ

ڪور به چشمي ڪه لذت گر ديدار نه شد
بشڪند دستي ڪه خم در گردن يار نه شد

هن سان رشتي ناتي جي ابتدا محبت ، انتها محبت، پيو ڪجهه به نه ـ محبت. محبت ۾ نه مير نه ڦير، نه هو، نه ون يونٽ نه سؤ يونٽ هر حال ۾ محبوب محبوب ئي هوندو آهي. هي ته ذات جو سيد به آهي، ۽ قوم جو معمار ۽ وطن جو عاشق زار آهي. سنڌ کي هن ڪان جيڪو جدا چاٿي، حيف ان جي حال تي!

سنڌ جي سونهن ۽ سوڀيا، سنڌ جي عظمت ۽ هميشگي هاڻي هن منهنجي يار غار، اوئين مخدوم، قائم ڪري ڇڏي.

سنڌ کي بقا ڏنائين ۽ سندس نالي کي بقا آهي.

# باب پهريون

## سندن شخصي زندگي

هي ڪاظمي سيدن جي قبيلي مان سنڌ جي مشهور مٽياري سيدن جي سنائي شاخ سان تعلق رکندڙ آهي. مٽياري سيدن جو ڏاڏو، سيد اميرعلي شاهه، امير تيمور سان، هندستان جي حملي وقت، ۱۳۹۸ع ۾ ملتان تائين آيو هو، جتان سندس فرزند، سيد حيدر، انهيءَ کان جدا ٿي سنڌ جي سير تي آيو ۽ هالن جي شهر مان شاهه محمد هالي وٽان شادي ڪري، رهي پيو. ان مان جو اولاد ٿيو، سو ڪجهه وقت هالن ۾ رهڻ بعد لڏي اچي مٽيارين جي ڳوٺ ۾ ويٺو، جنهنڪري 'مٽياري سيد' مٿن نالو پيو. اتي وڌي ويجهي، سنڌ جي گهڻي ڀاڱي ۾ پکڙجي ويا. ان قبيلي جا چار مکيه پاڙا ٿيا: ۱- جرار پوٽا، ۲- موسيٰ پوٽا ۳- باقيل پوٽا، ۽ ۴- ميان پوٽا. هنن سيدن مان سنڌ جا ۵ مکيه بزرگ پيدا ٿيا-

(۱) سيد حيدر عليہ الرحمت، سن، متوفي سنہ ۱۵۳۰ع

(۲) شاهه عبدالڪريم عليہ الرحمت، بلڙي، متوفي سنہ ۱۶۲۰ع

(۳) سخي هاشم شاه عليه الرحمت، مٽياري، متوفي سنہ ۱۶۸۸ع

(۴) شاهه عبداللطيف عليه الرحمت، ڀٽ شاهه، متوفي سنہ ۱۷۵۲ع

(۵) شاهه ڪبير عليہ الرحمت، لس ٻيلو.

اسان جو سيد اعظم ڀهرئين بزرگ سيد حيدر عليہ الرحمت جي اولاد مان، چوڏهون نمبر سجاده نشين آهي. سندس نالو غلام مرتضيٰ شاه ۽ فرزند سيد محمد شاه جو آهي؛ ميان پوٽي پاڙي جي سنائي شاخ سان واسطو رکي ٿو.

هيءَ، والد جو پيو نمبر فرزند، ۱۷- جنوري سنه ۱۹۰۴ع تي سن شهر ضلعي دادو سنڌ ۾ ڄائو. اڃا سورهن مهينن جو مس ٿيو، ته سندس والد، خانداني جهيڙي ڪري، ۱- نومبر سنه ۱۹۰۵ع تي شهيد ٿيو. سندس وڏي ڀاءُ ڀارهن مهينن کان پوءِ وفات ڪئي. جنهنڪري ساري ڪٽنب ۾ ڪو به مرد ماڻهو سنڀال لاءِ نه رهيو. ان ڪري سندس سنڀال هن جي پڦيءَ، بيبي عالم خاتون عرف بيبي ٻچل، جي هٿ هيٺ رهي. هيءَ هڪ خانداني واقعو آهي ته گذريل ۸ پيڙهين کان هن عالي مرتبت خاندان ۾ هڪ يا ٻه فرزند ٿي پيدا ٿيندا آيا آهن، جن مان صرف هڪ کي اولاد ٿيندو پئي رهيو آهي.

ان وقت ڪنهن ٿي ڄاتو ته پنهنجي بي سهاري خاندان سان گڏ هيءَ يتيم سيد زادو پوري ملڪ ۽ قوم جو ڏکئي ۾ ڏکئي وقت سهارو ٿي بيهندو. دوست ۽ دشمن ڪيس ڄاڻندا ٿي ان حيثيت مان ته سنڌ فقط هن هڪ جي دستگيريءَ سان بيٺل آهي. هزارين لکين پڙهيل ڳڙهيل، مال مڏيءَ وارا، بظاهر روشن دماغ ۽ اعليٰ ڊگرين وارا هوندا، پر سنڌ جي ٻڏندڙ ٻيڙي کي پار ڪندڙ ملاح فقط اهو هڪ سورهن مهينن ۾ پدري سايي کان محروم يتيم سيد جو ٻار آهي — اين سعادت بزور بازو نيست.

سندس سموري تعليم ڳوٺ ۾ ٿي. پهرين ورنيڪيولر اسڪول سن ۾ ڇهن درجن تائين تعليم ورتائين، جتي ماستر جان محمد عباسي، ماستر ريواچند ۽ ماستر وسڻ مل وٽ پڙهيو. ان کان پوءِ ماستر حامد علي ولد مولوي عبدالله هالائيءَ واري وٽ انگريزي پڙهيو. پارسي ۽ عربي مولوي محمد هاشم احمد ميمڻ سن واري ۽ مولوي محمد صالح سيال دادوءَ واري ۽ مولوي الهه بخش دادوءَ واري وٽ پڙهيو.

سندس زمين جي سنڀال ڪورٽ آف وارڊس جي هٿ هيٺ سنه ۱۹۰۵ع کان ۱۹۲۱ع تائين رهي.

سندس شادي ننڍي هوندي سندس عزيزن مان سيد جمال شاه ڀاڏوٺيءَ جي ڀاءُ سيد مير حسن شاه جي نياڻيءَ، بي بي مريم، سان ۲۰- اپريل ۱۹۱۰ع تي ٿي. کين ۵ ٻار پيدا ٿيا— ٻه فرزند ۽ ٽي

نياڻيون. ٻهريون فرزند، سيد امير حيدرشاه، هتي مئٽرڪ تائين پڙهي، ٻي سال انگلنڊ ۾ پڙهڻ لاءِ رهي آيو. مارشل لا کان پوءِ جي نئشنل اسيمبلي پاڪستان جو هيءُ ٻهرئين ٽرم لاءِ مخالفت ۾ ميمبر هو. هن وقت اهو زمينداريءَ ۾ مشغول آهي. ٽيو فرزند، سيد امداد محمد بي. ايس سي، ايل ايل. بي. آهي ـ وڪالت ڪري رهيو آهي. سيد صاحب جي ڏن نياڻين مان هڪ ايم. اي. فلاسافيءَ ۾ آهي. ڏڻيءَ در دعا آهي ته هيءُ خاندان قيامت تائين سائو ستابو، اسلام ۽ قوم جو خادم رهي.

سندس زمينداري سڪرنڊ تعلقي ۽ ڪوٽڙي تعلقي ۾ آهي. سندس ڪوٽڙي تعلقي جي زمين جو گهڻو حصو باراني آهي. سنه ۱۹۴۸ع کان سڀ زمين ۽ جائداد پٽن، نياڻين ۽ پوٽن جي نالي ڪري ڇڏي اٿن.

سندن خاندان جا پراڻا دوستانا تعلقات سنڌ جي مکيه خاندانن، مٽياري سيدن، لڪياري سيدن جي گهڻي حصي، مخدوم صاحب هالا، ڪوٽڙيءَ وارن ملڪن، ۽ دادو، نواب شاه، حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعي جي زميندارن سان آهن. ڪوٽڙي تعلقي جي ڪوسن، مانجهندن رندن، گائچن، ڇڇرن، ڪماٽن، چانڊين، گولاڙن، ڏيٿن، لاکن وغيره راڄن سان شاديءَ غميءَ جا تعلقات رهندا اچن ٿا. اهڙيءَ طرح سان سڪرنڊ تعلقي جي جلباڻين، چانڊين، لاکن، ڪيرين، ۽ مگسين سان پڻ لاڳاپا اٿن. هونءَ سيد صاحب سنڌ جو سردار ۽ علمبردار آهي؛ جنهن جي دل ۾ سنڌ جي محبت آهي، ان جو لاڳاپو هن سان آهي.

# باب ٻيو

## سنڌس مذهبي عقيدا ۽ ڪردار

هيءَ ننڍي هوندي کان عبادت گذار، نمازي ۽ روزا رکندڙ هو. عربي پڙهڻ وقت هڪ ديني مدرسو کولايائين، جتي پاڻ به تعليم وٺندو هو ۽ ٻيا به ڪيترا ٻاهر جا شاگرد پڙهندا هئا. شروع کان مذهبي ڪتابن پڙهڻ تي گهڻو خيال هوس.

اهو سنڌس بنيادي تربيت وارو وقت ڪيس ۽ ملڪ کي ڪم آيو. رياضتن ۽ عبادتن هن کي غير جي اڳيان جهڪڻ کان ان وقت روڪي ڇڏيو، جڏهن ساري سنڌ غيرن جي اڳيان يا ته سجدي ۾ آهي، يا رڪوع ۾ آهي يا قيام ۾ بيٺل آهي. هن جي ابتدائي مذهبي تعليم هن کي ملڪ ۽ قوم جي راهبريءَ لاءِ مڪمل طور تيار ڪري ڇڏيو. اها عبادت گذاري پوريءَ قوم جي ڪم آئي. اها تربيت ڪيس ٻين ڏڪي تي ڏي سؤ ۾ وڪامندڙ تعليم يافتن کان ممتاز ڪري ڏي. ان تي فخر لازم آهن. ملن جي مرم، سن شهر، مان هيءَ زندگيءَ جي جهاد لاءِ تيار ڏي نڪتو.

اڳتي وڌي، ڪراچيءَ ۾ جدا جدا مذهبن جي فلاسافيءَ ۽ مٽيريلزم جي ڪتابن پڙهڻ بعد هن جي اعتقادي زندگيءَ ۾ ڪيئي سوال ۽ شڪ اڀريا ۽ سنڌس دل ۾ علمي جستجو ۽ تفتيش جي زياده تڙپ پيدا ڏي. جنهن جي تسليءَ لاءِ هن مختلف درويشن ۽ مکيه بزرگن جي صحبت مان فيض حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان سلسلي ۾ هن مرزا قليچ صاحب، سخي قبول محمد (درازا)، مولوي صاحب غلام احمد ملڪاڻي (دادو)، خواجه محمد حسن جان

سرهنديءِ، ميان عبدالرحيم درس (ملاڪاتيار) قاضي بصرالدين صاحب (سيوهڻ)، خواجه حسن نظامي، مولانا حسين احمد مدني، ڪرشنا مورتي، راڌا سوامي گرو (الهه آباد)، ساڌو واسواڻي، جناب علامه آءِ. آءِ. قاضي عليه الرحمت سان ملاقاتون ڪري، گهڻو ڪجهه پرايو. صوفياءِ ڪرام جي تصنيفات - احياء العلوم، ڪشف المحجوب، حجة البالغة، فصوص الحڪم، نفحات الانس، مڪتوبات امام رباني، حديقه سنائي، مثنوي مولانا روم، ديوان حافظ، ديوان محي، منطق الطير، دبستان مذاهب، ديوان معين الدين اجميري، ڪليات شاهه باهو، ديوان بلاشاه، سچل سرمست جو سنڌي ۽ فارسي ڪلام، ۽ خيرمحمد، بيدل، روحل فقير ۽ مصري شاهه جو ڪلام، شاه لطيف جو رسالو، گيتا، يوگ وشت وغيره ڪتابن مان استفادو ڪري، آخري طور مسئلي وحدت الوجود ۾ اعتبار رکي، هيٺين نتيجن تي پهتو-

۱- ڪائنات رڳو ۽ منصوبي سان پيدا ٿيل آهي، ان جي پويان ڪارساز حقيقيءَ جو هٿ آهي.

۲- وجود هڪ باري تعاليٰ آهي، ٻيون سڀ صفات هئي.

۳- سڀني مذهبن جي پويان بنيادي وحدت ڪم ڪري رهي هئي؛ سڀني مذهبن جا مکيه متا - تسلسل حيات ۾ وبساه، اتحاد انساني، امن عالم ۽ ارتقاي انساني هئا.

۴- ماڻهن جي مذهبن ۾ موجوده ورهاست صحيح نه هئي؛ هر صالح ماڻهو مسلم هو ۽ غير صالح ماڻهو مفسد هو.

۵- اسلام دين فطرت هو، جنهن جي ڪنجي محبت ۽ عشق ۾ سمايل هئي.

۶- امن عالم صرف مساوات، رواداريءَ ۽ اهسنا جي ذريعي حاصل ٿي سگهڻ وارو هو.

۷- تنازع للبقا حيواني طريقو ۽ تعاون براي دفاع ۽ ترقي انساني طريقو هو.

پنهنجي هن مذهبي، نفسياتي، ۽ ذهني ارتقا جو مفصل ذڪر "پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني" جي پنجين باب ۾ ڏنو اٿس. ازانسواءِ پنهنجي ڪتاب "جيئڻ ڏنو آهه مون" ۾ پڻ ان سلسلي جي مختصر

خيالات جو اظهار ڪيو اٿس. هو اسلام جي موجوده تشدد آميز ۽ نفرت اڀاريندڙ تشريح کي فسطائي نظريي جي ڪاپي سمجهي ٿو. هن جو مذهبي تخيل خواجه معين الدين اجميري، خواجه نظام الدين چشتي، شاهه بلاول، سرمد شهيد، شاهه عنايت صوفي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جهڙو آهي.

سندس هڪ وڏي ۾ وڏي عقيدتمند جو خيال آهي ته سيد اعظم سنڌ اندر دين جي احيا جو واحد ذريعو آهي. سندس چوڻ موجب هڪ وقت سندس ”خوش اعتقاديءَ جي آهني ديوارن ۾ شڪن جا شگاف“ پيا، پر هن عقيدتمند جي چوڻ وري انهن شگافن کي آهني پرزن سان هميشه لاءِ بند ڪري رکيو. سيد اعظم سا ڳيوئي محافظ اسلام رهيو. دين رسول الله جي نالي تي طاقت ۽ حڪمراني ئي فقط واحد علاج آهي هن سندس معتقد جي نظر ۾، جيڪا انسان ذات کي ظلم ۽ زبردستيءَ، تباهيءَ ۽ بربادي ۽ خونريزيءَ کان نجات ڏياريندي، ۽ اهو سڀ ڪجهه سيد اعظم جي نالي تي جا ڳايل سنڌ ڪري ڏيکاريندي. اهو وهم ۽ گمان نه آهي. سنڌ سان سيد اعظم جي. ايم. سيد جي نالي تي انسان ذات جي نجات خاطر اسلام جي احيا جو ڪم جيترو جلد شروع ٿيندو اوترو ئي جلد اهو دنيا جي مختلف ملڪن تائين پهچندو. انسان انسان جي هٿان، مختلف سياسي عقائد وارن جي هٿان، تباهيءَ جي آخرين منزلن تائين وڃي رسيو آهي. ان کي اٿان ڪڍڻ واسطي عالمگير تحريڪ جي ضرورت آهي. اها تحريڪ هن سيد عالي مقام جي نالي ۾ سنڌ مان اٿندي. ان وچ ۾ ملڪ ۾ ڪهڙا ڦيرا ۽ تبديليون اچن، تن بابت اڳڪٿين جو هيءُ وقت نه آهي.

---

# باب ٽيون

## سنڌس سماجي ڪردار

هن جي سماجي زندگيءَ جي شروعات ١٩١٩ع کان شروع ٿئي ٿي، جڏهين سن جي شهر ۾ المسلمين جي نالي سان هڪ انجمن برپا ڪرائي، ڳوٺ ۽ آسپاس ۾ سوشل رفارم جا ڪم ڪرائڻ شروع ڪيائين، جن مان مکيه ڪم هيٺيان هئا-

١- شادين جي موقعي تي ٽن چئن ديگين کان مٿي پٽ نه ڪيو وڃي؛ گهرن ۾ پٽ نه ورهايو وڃي، ڳائڻا گهرائي پيسا نه ڏنا وڃن، پڻا ۽ گهوڙون نه ڏنيون وڃن، جن جي ڪري شادي ڪندڙ کي تحريص ٿي ملي.

٢- موت جي موقعي تي ڪانڌپو نه کارايو وڃي، سواءِ رواجي ختمي جي، جنهن تي ١١ ماڻهن کان وڌيڪ ماڻهو نه کارايا وڃن- وڏيون دعوتون نه ڪيون وڃن.

٣- ختني يا طهر جي موقعي تي سواءِ پتاشن يا کارڪن ورهائڻ جي ڪوبه خرچ پٽ وغيره تي نه ڪيو وڃي.

٤- چئن والن کان مٿي سٿڻ، ٽن والن کان مٿي پڳڪو مرد نه پائين؛ زالون هس، ڪڙيون، نٿون، پنڙا، بولا، وڏيون ٻانهيون پائڻ ڇڏي ڏين.

٥- خانگي جهيڙن جا فيصلا انجمن يا پنچائت کان ڪرائجن.

٦- مسلمان واپار ڪن، کاڌيءَ جا ڪپڙا پهرين؛ عرس ۽ يارهيون صرف معمولي ختمن تائين محدود رکيون وڃن، جن تي ١١ کان مٿي ماڻهن کي نه کارايو وڃي. وغيره، وغيره.

انهيءَ تحريڪ ڪان پوءِ هن آسپاس جي ڳوٺن ۾ وڃي مسجدون ۽ عام ڳوٺاڻن جي ڪٺي ٿيڻ لاءِ اوطاقون ٺهرائڻ شروع ڪيون. هن سڄي اصلاحي پروگرام جو مفصل احوال هن پنهنجي ”ڪهاڻي“ ۾ درج ڪيو آهي.

مارچ ١٩٢٢ع ۾ هن مخدوم ضهيرالدين (هالا)، سيد حاجي اسد الله شاهه (ٽکڙ)، پير غلام مجدد سرهندي، پير تراب علي شاهه راشدي ۽ سيد اسد الله شاهه (باجارا) جي مشوري سان سنڌ جي سيدن ۽ پيرن کي هيٺين مقصدن لاءِ جماعتن ۾ منظم ڪري سندن فيڊريشن ٺهرائڻ جي تجويز تيار ڪئي -

١- کين بد رسومات، فخر، بدعتن، فضول خرچين، بداخلاقيءَ، جهالت، مريدن کان نذر نياز تي گذر ڪرڻ، سرڪاري عزتن جي حصول ۽ ٻين پئجي پاڻ کي رسوا ڪرڻ کان پرهيز ڪرائي وڃي.

٢- منجهن ٻارن کي تعليم ڏيارڻ، ۽ بزرگن جي نقش قدم تي هلي تزڪيہ نفس، صحيح روحاني تعليم ۽ اخلاقي درستيءَ لاءِ تربيت ڏيڻ جو انتظام ڪجي.

٣- کين پنهنجن مريدن جي سوشل رفارم، تعليم ۽ تربيت ۽ عام خدمت خلق لاءِ تيار ڪيو وڃي.

٤- کين سياسي خلفشارن کان پاسي رهي، ۽ باهمي رقابتن کان الڳ رهي، ملڪ جي سماجي ۽ اخلاقي تعليم لاءِ مرڪز بنائجي.

ان لاءِ پهريائين سنڌ جي متيارين سيدن جي ڪانفرنس مارچ ١٩٢٣ع ۾ سن ۾ سڏائي ”انجمن سادات متياري“ برپا ڪرايائين، جنهن ۾ ٤٠٠ کن نمايندن حصو ورتو.

ان کان پوءِ لڪياري سيدن ۽ پيرن ۽ سنڌ جي جملي سادات جي تنظيم لاءِ ڪوششون ڪيائين، پر هيٺين سببن ڪري ان ۾ ناڪاميابي ٿيس-

١- اهو طبقو مٿي ذڪر ڪيل پهرئين مد وارين خامين ۾ اهڙو قائل هو، جو انهن مان آزاد نہ ٿي سگهيو.

٢- اهو طبقو تعليم، تزڪيہ نفس، روحاني ۽ اخلاقي درستيءَ لاءِ تيار نہ هو.

٣- اهو طبقو مريدن جي ڪمائيءَ کي ڇڏڻ يا انهن کي سڌارڻ جو اهل نہ رهيو هو.

٤- اهو طبقو ذاتي خلفشارن ۾ اهڙو ڦاٿو پيو هو، جو "جواري اٽي وانگر" گڏجڻ محال هون.

١٩٢٤ع ۾، حيدرآباد سنڌ ۾، سر ابراهيم رحمت الله جي صدارت هيٺ، سنڌ ايڊيو ڪيشنل ڪانفرنس مرحوم نورمحمد، سيد ميران محمد شاهہ، سر شاهہ نواز ڀٽي ۽ چند مسلم آفيسرن جي ڪوشش سان گڏ ٿي، ان ۾ دلچسپي ورتائين.

١٩٢٥ع ۾، هن ڪراچي ضلعي جي آبادگار ۽ زميندار طبقي جي سڌاري ۽ بچاءَ لاءِ "ڪراچي ضلعي جي زميندار ۽ آبادگار ائسوسيئيشن" سيد حاجي عبدالرحيم شاهہ سجاول واري جي صدارت هيٺ ٺهرائي. سيٺ حاجي محمد جعفر خواجہ ميرپور بٺوري واري کي ان جو جنرل سيڪريٽري ڪرائي، پاڻ ان جو جائنٽ سيڪريٽري ٿي، ڪم ڪرڻ لڳو. سکر براج جي جاري ٿيڻ کان پوءِ لوور سنڌ جي آب پاشيءَ جي جا حالت بنجڻ واري هئي ان جي ۽ هلندڙ واهن ۾ پڻ ڪافي سڌاري نہ هئڻ ڪري، جو نقصان پوڻو هو، ان جي پورائيءَ لاءِ الڳ لوور سنڌ براج ٺهرائڻ ۽ اتان جي اڳين واهن جو سڌارو ڪرائڻ ان جي مکيہ مقاصد ۾ داخل هو.

١٩٢٦ع کان هن سن جي شهر ۾ شاهہ حيدر عليہ الرحمت جي ساليانی ميلي جي موقعي تي، ٤- شعبان تي، مانجهند محال جي مسلمانن جي تنظيم، تعليم ۽ سماجي سڌاري لاءِ ڪانفرنس سڏائڻ جو رواج وڌو. انهن ڪانفرنسن ۾ سنڌ جا مکيہ عالم، سيد، پير ۽ سياستدان گهرايا ويندا هئا- جهڙوڪ مولانا محمد صادق کڏي وارو، مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سيد ميران محمد شاهہ، سيد ولي محمد شاهہ سيوهڻ وارو، سيد شاهنواز شاهہ ٺٽي وارو، مسٽر طيب علي علوي، مسٽر حاتم علوي، ڊاڪٽر دائود پوٽو ۽ آسپاس جا معزز انهن ۾ شريڪ ٿيندا هئا.

اهو سلسلو ۱۹۲۹ع تائين هلايو ويو. ان کان پوءِ سيدميران محمد شاه جي مشوري سان ساڳيءَ تحريڪ کي شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ميلي تي ۱۹۳۰ع کان تبديل ڪيو ويو، جنهن اڳتي هلي اتي سنڌ ڪلچرل مرڪز جي صورت اختيار ڪئي، جو هن وقت سرڪار جي تسلط هيٺ هلي رهيو آهي.

۱۹۲۸ع کان هن ڪوآپريٽو تحريڪ ۾ خانبهادر عظيم خان ڊپٽي رجسٽرار ڪوآپريٽو سوسائٽيز ۽ مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا جي اثر هيٺ حصو ورتو. ان سال "سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ" (پوءِ "سنڌ پراونشل ڪوآپريٽو بئنڪ") جو ڊائريڪٽر ٿي رهيو. ۱۹۳۱ع ۾ "لوور سنڌ زميندار بئنڪ" شروع ڪرائي، ان جو چيئرمن مير بنده علي خان کي چونڊائي، ٿوري عرصي لاءِ پاڻ ان جو ڊائريڪٽر ٿي ڪم ڪيائين. ملير ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ جي گورننگ باڊيءَ تي، ملير ايراضيءَ جي آبادگارن جي فائدي لاءِ ميمبر ٿي، چند سالن تائين ڪم ڪندو آيو.

۱۹۲۹ع ۾ ڪراچي ضلعي جي ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ ٺهرايائين، جنهن جو پريزيڊنٽ مسٽر جمشيد نسروانجي ٿيو، ۽ هن پاڻ جنرل سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيو. انهيءَ جي معرفت هيٺيان ڪم سرانجام ڪرايا ويا-

۱- مولوي عبدالخالق مورائيءَ کي ديهات سڌار عملدار مقرر ڪري ان کي ڪراچي ضلعي جي ساموندي، ڊنڊن ۽ دريا جي ميربحرن، ۽ مڇيءَ ۽ پلي جي پيداوار جي سروي ۽ نيڪال جي ذريعن، سندن اقتصادي حالت ۽ سندن تنظيم ۽ سڌاري لاءِ تجويزن تيار ڪرڻ جو ڪم سپرد ڪيو ويو، جنهن اڳتي هلي ڳهربل رپورٽون ۽ تجويزون پيش ڪيون.

۲- ديهات سڌار عملدار تي ڪراچي تعلقي ۾ سال جي شمار، کير جي پيدائش، ان جي نيڪال جي ذريعن ۽ مالدارن جي تنظيم ۽ اقتصادي بهتريءَ لاءِ تجويزن تيار ڪرڻ جو پڻ ڪم رکيو ويو، ۽ هن اڳتي هلي ڳهربل رپورٽ ۽ تجويزون پيش ڪيون.

٣- ڪراچي ضلعي جي مڪاني هنرن جي سروي ڪرائي ويئي، جنهن ۾ مڪاني پيداوار، نيڪال ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ تجويزن جي رپورٽ مرتب ٿي.

٤- ڪراچي ضلعي ۾ ميلن جون تاريخون، ڳڻ ٽيندڙ ماڻهن جي تعداد وغيره جي لسٽ تيار ڪرائي ويئي، جيئن انهن ميلن کي سماجي سڌاري لاءِ ڪم آڻي سگهجي.

١٩٢٩ع ۾ ڪراچيءَ جي مکيه سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن جي صلاح مشوري ۽ مدد سان "ڪراچي ضلعي جي ديهات سڌار جماعت" وڏي پروگرام سان برپا ڪيائين، جنهن جو صدر مسٽر جمشيد ميهتا ٿيو ۽ جنرل سيڪريٽري پاڻ ٿيو. ان جي مقصدن ۾ ڳوٺاڻا رستا درست ڪرڻ، زناني ۽ مرداني تعليم کي زور وٺائڻ، مڪاني هنرن کي ترقي وٺائڻ، ميلن کي منظم ڪري جديد طرز تي لڳارائڻ، ڳوٺن ۾ صفائيءَ ۽ صحت جو انتظام ڪرائڻ، سوشل رفارم لاءِ پرچار ڪرڻ، ضلعي جي مڪاني حالتن جي سروي ڪرائڻ ۽ ماڻهن ۾ انهن خيالن جي پرچار ڪرائڻ لاءِ ڳوٺن ۾ جلسا سڏائڻ، وغيره شامل هئا.

هن مسٽر حاتم علوي، مولوي عبدالڪريم چشتي، چيتمل پرسرام، محمد هاشم گزدر ۽ هاسي مل ميرچندانيءَ سان گڏ ساري ضلعي جي گشت تي وڃي، ننڍي کان ننڍا ڳوٺ ڏٺا، رستا تپاسيا، اسڪولن جي حالت ڏٺي، ڌرمسالائون ۽ کوهه، تلاءَ ۽ اسپتالون ڏٺيون، ۽ جلسا سڏائي تقريرون ڪيون. ان وقت هي ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو پريزيڊنٽ به هو. سندس سياسي مخالفن مسٽر گبسن ڪليڪٽر ڪراچيءَ کي بدظن ڪيو ته هي ڪانگريس جو ديهاتي پروگرام لوڪلبورڊ جي آڌار تي ڪم آڻي رهيو آهي، وغيره. جنهن تي مسٽر گبسن کيس گشت بند ڪري جلسن ۾ تقريرن نه ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيو. هن ان جي انحرافي ڪندي، سارو پروگرام پورو ڪيو.

١٩٢٩ع ۾ هن ڪراچي ضلعي جي زالن جي حالت درست ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ جي سماجي ڪارڪن عورتن کي حرصائي "ڪراچي

ضلعي جي رورل وومين ويلفيئر ائسوسئيشن" مسز هومي ميهتا جي پريزيڊنٽيءَ ۽ مس رڪمڻي آڏواڻي سيڪريٽريءَ سان برپا ڪرائي. ان جا مکيہ مقصد هيٺيان هئا۔

١– ڳوٺاڻين عورتن کي پرچار ذريعي گهرن جي صفائيءَ، ٻارن جي صحت ۽ پرورش لاءِ هدايتون ڏيڻ.

٢– زالن ۾ تعليم لاءِ دلچسپي پيدا ڪرڻ ۽ کين ان لاءِ سهوليتون ميسر ڪري ڏيڻ.

٣– ڳوٺاڻين داين کي ويم لاءِ تربيت ڏيڻ.

٤– زالاڻن مڪاني هنرن جي ترقيءَ لاءِ انتظام ۽ انهن جي تيار ڪيل شين جي وڪري لاءِ انتظام ڪرڻ.

٥– شهري عورتون ڳوٺن ۾ مئجڪ لئنٽرن، دوائون ۽ ڪي رانديڪا کڻي، ڳوٺن جي زالن سان تعلق پيدا ڪري، انهن جي معاملن کان واقفيت حاصل ڪن. وغيره، وغيره.

هي ١٩٢٨ع کان سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ جي جنرل باڊيءَ ۽ پوءِ ڪو وقت ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر ٿي رهيو، ۽ سنڌ مدرسي جي ترقيءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ پراڻن ميمبرن مير ايوب خان، حسين ڀائي بندوق والا ۽ سيٺ آدم جي علوي وغيره سان گڏجي ڪم ڪندو آيو

١٩٣٠ع ۾ ميرپورخاص جي شهر ۾ سنڌ هاري ڪانفرنس، مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا جي صدارت هيٺ، ڪوٺائي ويئي. ان جي استقباليہ ڪميٽيءَ جو هي صدر ٿيو. آتي سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو بنياد وڌو ويو. ان جو پهريون صدر پرنسپال جي. اين. گوکلي چونڊيو ويو ۽ ان جا سيڪريٽري مسٽر چيٺمل پرسرام، شيخ عبدالمجيد، ۽ مسٽر جي. ايم. سيد چونڊيا، آن جماعت تي هيءُ ١٩٥٤ع تائين ميمبر طور ڪم ڪندو آيو.

ان زماني ۾ هن "پرڪاش" اخبار، حيدرآباد، ۾ ڳوٺاڻن جي سڌاري لاءِ مضمونن جو سلسلو لکي، شايع ڪرايو.

١٩٣٢ع ۾ هي ڪراچيءَ ۾ هيٺين جماعتن سان لاڳاپيل رهيو-

(۱) ينگ مينس مسلم ائسوسيئشن ڪراچيءَ جو هڪ سال لاءِ صدر ۽ گهڻي وقت لاءِ ميمبر رهيو.

(۲) فري ميسنس جو ميمبر ٿي، ان ۾ حصو ورتائين، ۽ پوءِ انهن جي ڪوميسنريءَ ۾ داخل ٿيو.

(۳) ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي يوٿ لاج جو پريزيڊنٽ هڪ سال لاءِ رهيو. ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي ايسوٽيرڪ سوسائٽيءَ ۾ داخل ٿي، ڪجهه وقت ويجيٽيرين ٿي رهيو.

(۴) انجمن ترقي آردو ليبرريءَ جو ميمبر رهيو.

(۵) ”ڪراچي ضلعي جي مالدار جماعت“ جو ميمبر ٿي ڪم ڪيائين.

(٦) ”ڪراچي ضلعي جي ميربحرن جي جماعت“ جو ميمبر ٿي ڪم ڪيائين.

(۷) ”سنڌي ساهت سوسائٽي“ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، چيٺمل پرسرام ۽ ٻين جي مدد سان نهي، ان جو ميمبر ٿي ڪم ڪيائين.

(۸) ”سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ“ جو ميمبر ٿي، ان ۾ گهري دلچسپي ورتائين.

(۹) ”ڪراچي گاڊن ڪميٽيءَ“ جي ميمبر ٿي ڪم ڪرڻ وقت، ”نيچرل هسٽري سوسائٽي“ جو ميمبر پڻ ٿيو، ۽ ان جي ڪم ۾ دلچسپي ورتائين.

(۱۰) ”مسلم پراويڊنٽ فنڊ“ ۾ مسٽر حاتم علويءَ جي چيئرمنيءَ هيٺ ڊائريڪٽر ٿي ڪم ڪندو آيو.

(۱۱) صوفي سماگم جون مجلسون مختلف جڳهن تي ڪوٺائڻ ۾ دلچسپي وٺندو آيو.

۱۹۳۴ع ۾ هن دادو ضلعي ۾ خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙي جي صدارت ۾ دادو ضلعي جي زميندارن ۽ آبادگارن جي جماعت ٺهرائي.

۱۹۳۷ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊجي وڃڻ بعد هارين جي ٽيننسي (هارپ جي) حقن لاءِ ڪوشش ڪيائين؛ قانون انتقال ايراضي، قرضن جي معاف ڪرائڻ، ميربحرن جي ڀلائيءَ ۾ سهوليتن ڪرائڻ،

۽ جاگيرن اندر هارين ۽ مخاديمن جي حقن جي حفاظت ڪرڻ وغيره طرف ڌيان ڏنائين، تقريرون ڪيائين، نهراءَ پيش ڪيائين، وزارتن کان پروگرام قبول ڪرايائين، وغيره.

۱۹۴۰ع ۾ وزير تعليم ٿيڻ وقت هن هيٺين ڪمن ۾ دلچسپي ورتي-

۱- سنڌ يونيورسٽي قائم ڪرڻ لاءِ ڪاميٽي ميران محمد شاه جي چيئرمنيءَ هيٺ مقرر ڪيائين.

۲- راڳ ۽ ڳوناٽي رقص جي زور وٺائڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪيائين، ته ان متعلق رپورٽ ڪري؛ ان تي ڪن ملن اعتراض ورتو، پر هن انهن اعتراضن کي اهميت نه ڏني.

۳- مذهبي تعليم اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ زوريءَ رائج ڪجي يا نه، ان تي علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ جي چيئرمنيءَ هيٺ ڪاميٽي مقرر ڪيائين.

۴- سنڌي لٽريچر کي زور وٺائڻ لاءِ "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" ميران محمد شاه جي چيئرمنيءَ هيٺ مقرر ڪيائين، جنهن اڳتي هلي آغا غلام نبي خان پٺاڻ جي دور وزارت ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" جي صورت اختيار ڪئي.

۵- سنڌي ڊڪشنري تيار ڪرڻ لاءِ چند عالمن کي مقرر ڪيائين، جن ۾ مولوي فتح محمد سيوهاڻي، مولوي دين محمد وفائي، ڄيٺمل پرسرام، علامه دائود پوٽا، مسٽر عثمان علي انصاري ۽ مسٽر پيرومل مهرچند مکيه ميمبر هئا، جن لغت جي ٿن اکرن تائين ڪم مڪمل ڪيو.

۶- سيڪنڊري ايڊيوڪيشن کي زور وٺائڻ لاءِ ڪاميٽي مقرر ڪيائين، جنهن اڳتي هلي سيڪنڊري ايڊيوڪيشن بورڊ جي صورت اختيار ڪئي.

۷- سنڌي زبان سڀني اسڪولن ۾ لازمي مضمون طور پڙهڻ جو حڪم ڪڍيائين، جنهن تان آردو، مرهٽي ۽ گجراتي اسڪولن وارن احتجاج ڪيو، پر هن ان احتجاج جي پرواهه نه ڪئي.

٨- سيني اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن لاءِ يونيفارم مروج ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيائين، جي مختلف وجوهات ڪري عمل ۾ اچي نہ سگهيا.

١٩٥٤ع کان ١٩٥٨ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي چيئرمن طور سنڌي ادب کي زور وٺائڻ لاءِ ڪوشش ڪيائين.

١٩٦٦ع ۾ "بزم صوفياءِ سنڌ" قائم ٿي. ان ۾ خطبا پڙهيائين، ۽ ان جي ڪم ۾ گهري دلچسپي ورتائين. ان جماعت جا مکيہ مقاصد ماڻهن جي صحيح تعليم ۽ تربيت، تزڪيہ نفس، اخلاقي درستي، ۽ درگاهن تي ايندڙ زائرين لاءِ ادبي مجلسون سڏائڻ هو. هن بزم هيٺ ٿيل ڪم ڪار جو وڌيڪ احوال بزم جي ڇپيل خطبن ۽ رپورٽن مان پڙهي سگهندو.

---

# باب چوٿون

## سندس سياسي ڪردار

هن صاحب سنڌ جي سياست ۾ ۽ ملڪي آزاديءَ لاءِ فيصلہ ڪن حصو ورتو آهي. هي اچا ١٥ سالن جو مس ٿو، تہ پهرين مهاڀاري جنگ پوري ٿي هئي. اتحادين يورپ جي ننڍين قومن کي جرمن ۽ هئبسبرگ سامراجن مان آزاد ڪرايو، ۽ ليگ آف نيشنس قائم ڪري، قومن جي حق خود اراديءَ جو اصول قبول ڪيو. ليڪن ”هاٿيءَ جي کائڻ جا ڏند هڪڙا ۽ ڏيکاءَ جا ڏند ٻيا“ ـ تنهن وانگر هنن سنڌن پنهنجي تسلط هيٺ آيل ملڪن کي آزادي ڏيڻ کان انڪار ڪيو، ۽ ترڪ شهنشاهيءَ کي ختم ڪري، مڪاني عرب قومن کي آزاد ڪرڻ جي عيوض اهي ملڪ پاڻ ۾ ورهائي ڪنيا. انهن ڳالهين عام هندستانين ۾ آزاديءَ لاءِ تڙپ پيدا ڪئي، ۽ مسلمانن ۾ خاص طرح مقامات مقدس جي مغربي سامراجين جي تسلط هيٺ وڃڻ ڪري جوش پيدا ٿيو. مهاتما گانڌيءَ انهيءَ موقعي جو فائدو وٺي هندو مسلمانن ۾ اتحاد ڪرايو. انگريزن جوش ۾ اچي امرتسر جي جليانوالا باغ ۾ قتل عام ڪرايو. عوامي قوتن جي منظم رد عمل جو پهرين مظاهرو ڊسمبر ١٩١٩ع ۾ امرتسر جي شهر ۾ ٿيو، جتي ڪانگريس، مسلم ليگ، جميعت العلماء هند ۽ خلافت ڪانفرنس جا اجلاس ساڳئي موقعي تي ڪٺا ٿيا، جن هندستان جي آزاديءَ ۽ مغربي ملڪن جي تسلط کان عرب ملڪن جي آزاديءَ جي گهر ڪئي.

سگهوئي، ٧-٨-٩ فيبروري ١٩٢٠ع تي، لاڙڪاڻي جي شهر ۾ پير تراب علي شاه ۽ جان محمد خان جوڻيجي جي ڪوشش سان، سنڌ خلافت ڪانفرنس پير رشد الله شاهه جهنڊي واري جي صدارت هيٺ ڪٺي ٿي، جنهن مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا عبدالباري، مولانا شوڪت علي ۽ ٻيا ليڊر آيل هئا. سيد صاحب اُن اجلاس ۾ مخدوم معين الدين ڪنياريءَ واري ۽ سيد اسد الله شاه ٽکڙائيءَ جي رفاقت سان شريڪ ٿيو. اڳيئي، باوجود ننڍيءَ عمر جي، هو ملڪ جي سياسي صورتحال کان ڪجهه واقف هو. ڪانفرنس کان موٽڻ بعد، سياسي ميدان ۾ عملي قدم طور، هن سن جي شهر ۾ خلافت ڪانفرنس جو اجلاس مولوي فتح محمد سيوهاڻيءَ جي صدارت هيٺ سڏايو، جنهن سنڌ مان ڪيترا مکيه قومي ڪارڪن شريڪ ٿيا، جن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر نورمحمد، شيخ عبدالعزيز (سکر)، مولوي محمد سليمان واعظ وغيره مکيه هئا. اتي ڪيئي ٺهراءَ پاس ٿيا، ۽ پڻ ترڪن جي لاءِ چندو ڪٺو ٿيو. ان کان پوءِ، هن سنڌ جي مختلف جڳهن تي ٿيندڙ خلافت تحريڪ جي جلسن ۾ حصو ورتو.

هن دور ۾، مٿي ذڪر ڪيل ليڊرن کان سواءِ، سيد صاحب جي مهاتما گانڌيءَ سان ٢٧- اپريل ١٩٢١ع تي سن جي اسٽيشن تي ملاقات ٿي، جڏهين گانڌيجي حيدرآباد کان دادوءَ وڃي رهيو هو. ٢١- مئي ١٩٢١ع کان هن کاڌيءَ جا ڪپڙا پائڻ شروع ڪيا.

جيتوڻيڪ ان وقت هيءُ صغير هئڻ ڪري ڪورٽ آف وارڊس جي سنڀال هيٺ هو، جنهن سندس گذر معاش لاءِ پگهار بند ڪري ڇڏيا ۽ ڪيس وڌيڪ تڪليفن جون ڏسڪيون ڏنيون، پر هيءُ نه مڙيو، ۽ ان تحريڪ ۾ ١٩٢٣ع ڦائين حصو وٺندو رهيو- جيسين تائين هندو مسلم اختلافن پيدا ٿيڻ ڪري تحريڪ جي اوائلي جوش ۾ ماٺائي اچي ويئي.

۱۹۲۴ع ۾ خلافت تحريڪ جي جهڪي ٿيڻ بعد هن هندستان جي ٻين قومي ڪارڪنن وانگر لوڪل باڊيز ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ۱۹۲۵ع ۾ هي تعلقي لوڪلبورڊ مانجهند جو پريزيڊنٽ، ۽ ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ، ۽ ڪراچي ضلعي لوڪلبورڊ اسڪولبورڊ جو ميمبر چونڊيو. آن عرصي ۾ هن خانبهادر ولي محمد حسن عليءَ کي اسڪول بورڊ ڪراچيءَ جي چيئرمن چونڊجڻ ۾ مدد ڪئي. شيخ عبدالحق کي جيڪب آباد مان گهرائي ضلعي اسڪولبورڊ ڪراچيءَ جو ائڊمنسٽريٽو آفيسر ڪري رکيائين، ۽ ضلعي جي تعليم کي وڌارايائين. سن ۾ انگريزيءَ جا اي. وي. ڪلاس، ڇوڪرين جو اسڪول، نائيٽ اسڪول ۽ اسپتال قائم ڪرايائين، ۽ اسٽيشن کان ڳوٺ تائين پڪو رستو ٺهرايائين. ضلعي لوڪلبورڊ ۾ ٺٽي جي ديوانن جي طاقت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ جا ٺٽي جي ماڻهن ۾ تحريڪ جاري ٿيل هئي، هن ان ۾ حصو ورتو. ان ڪم ۾ سندس ساٿي سيد حاجي عبدالرحيم شاهه سجاول وارو، سيٺ محمد جعفر خواجه ٺٽوري وارو، سيد مقبول شاه ڀنين وارو، ارباب حاجي خميسو دڙي وارو، خانبهادر خير محمدخان چانڊيو، ۽ رئيس فريد خان ملڪاڻي هئا. ان دور جا سندس ٻيا همعصر ڪارڪن مسٽر عبدالرحمان بئرسٽر، مير ايوب خان، خانبهادر اردشير ماما، خانصاحب الهه بخش گبول هئا.

لوڪلبورڊ جو اهو ٽرم ۱۹۲۸ع ۾ پورو ٿيو، ۽ نين چونڊن ۾ هي راءِ بهادر شيوارام ڏيون مل جهڙي با اثر ماڻهوءَ جي مقابلي ۾ ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو پريزيڊنٽ چونڊيو. يڪدم هن ضلعي ڪراچيءَ ۾ ديهات سڌار پروگرام تيار ڪري، حالتن جي سروي ڪرڻ لاءِ گشت شروع ڪيو. لوڪلبورڊ جي چيف آفيسر، قاضي عبدالرحمان، شخصي اختلافن جي بنياد تي ضلعي جي ڪليڪٽر مسٽر گبسن جي ذهن تي اها ڳالهه آندي ته سيد صاحب جو هيءَ گشت ڳوٺ سڌار لاءِ نه هو، پر جيئن ته هو ڪانگريس ۾ شريڪ

ٿي چڪو هو ان ڪري ان جي پروگرام جي حصي طور هو لوڪلبورڊ کي ڪتب آڻي رهيو هو. ان تي ڪليڪٽر سيد صاحب کي گشت بند ڪرڻ لاءِ لکيو. سيد صاحب انڪار ڪيو ۽ پروگرام موجب گشت پورو ڪري واپس موٽيو. انهيءَ ڳالهه تي ڪليڪٽر ناراض ٿيو، ۽ سندس ان ناراضگيءَ اڳتي وڌي دشمنيءَ جي صورت اختيار ڪئي.

ان وقت ڏاري ضلعي لوڪلبورڊ جي لاءِ انجنير مقرر ڪرڻو هو. مسٽر گبسن جو پرنسل اسسٽنٽ مسٽر ڊسلوا هو، جنهن جو ڪليڪٽر تي نهايت اثر هو. ان جو تعلقدار هڪ ڪرسچن به اميدوار بيٺو، ۽ ٻئي طرف مسٽر محمد هاشم گزدر اميدوار بيٺو. سيد صاحب گزدر صاحب کي انجنير چونڊائي چارج ڏني، جنهن تي ڪليڪٽر وڌيڪ ناراض ٿي پيو، ۽ حڪم ڪيائين ته مسٽر گزدر کي يڪدم ڪڍيو وڃي! سيد صاحب انڪار ڪيو، جنهن تي چئن ڊپٽي ڪليڪٽرن کان جي ان وقت ضلعي لوڪلبورڊ جا ميمبر هئا، مسٽر گزدر کي ڊسمس ڪرڻ جو ٺهراءُ پيش ڪرايو ويو. ڪليڪٽر پاڻ، قاضي عبدالرحمان جي گروهه ۽ ڊپٽي ڪليڪٽرن گڏجي، زوربار وجهي، سيٺي بورڊ جي ميمبرن کي ڦيرائي، مسٽر گزدر کي ڪڍڻ لاءِ تيار ڪري ڇڏيو، تان جو ۳۲ ميمبرن مان سيد صاحب سان وڃي ٽي ميمبر رهيا. ليڪن هن جريت ڪري، رولنگ ڏيئي، ٺهراءَ کي قانوني حجت تي رد ڪري ڇڏيو. ان تي ڪليڪٽر لوڪلبورڊ جي سرڪاري گرانٽ بند ڪري ڇڏي. سيد صاحب بمبئي گورنمنٽ ۾ سيد ميران محمد شاه، خانبهادر کهڙي، سر شاهنواز ڀٽي وغيره ميمبرن جي معرفت اثر هلائي، گرانٽ به بحال ڪرائي، ۽ مسٽر گزدر جي مقرري به گورنمينٽ کان منظور ڪرائي ڇڏي.

هن واقعي کان پوءِ، باقاعدي، سيد صاحب ۽ ڪليڪٽر گبسن ۽ ان جي پوئلڳن جي وچ ۾ تصادم ٿيو. سيد صاحب بجاءِ

نرم ٿيڻ جي، پڌري پٽ ڪانگريس پروگرام جو پرچار شروع ڪيو. سو يوٿ ليگ ۾ شريڪ ٿيو. ڪانگريس اجلاس ١٩٣١ع ۾ شرڪت ڪيائين، ۽ خالقڏني هال ۾ ”نوجوان ڀارت سڀا“ جي پليٽ فارم تان سرڪار خلاف سخت تقريرون ڪيائين. ان عرصي ۾، باوجود سرڪاري مخالفت جي، هن ضلعي وڪلبورڊ جي بلڊنگ ٺهرائي، جنهن ۾ اڄ ڪلهه ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جو اسٽوڊيو آهي. حيدرآباد کان ڪراچيءَ تائين موٽر جو رستو ڪونه هو. سو ٺهرايائين. نيٺ ڪليڪٽر، تنگ ٿي، هن جي تعلقي ڪوٽڙيءَ کي ڪراچي ضلعي کان جدا ڪرائي، دادو ضلعي سان ملائي ڇڏيو. نين چونڊن ۾ هي ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو ميمبر نه چونڊجي آيو، ۽ ضلعي دادوءَ جو ميمبر به چونڊيو، جتي هي وائيس پريزيڊنٽ ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. اتي پنهنجي دوست مسٽر منگهارام ٺهلراماڻيءَ کي چيف آفيسر مقرر ڪرائي، لوڪلبورڊ جو انتظام هلائڻ لڳو. مسٽر گبسن، جو اُن وقت ڪمشنر ٿي چڪو هو، تنهن هاڻي ضلعي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي پوئلڳ پارٽيءَ جا ميمبر خان بهادر الهه بخش گبول پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾ ۽ محمد عثمان سومرو چيئرمن جي حيثيت ۾ چونڊايا، جن گڏجي مسٽر گزدر کي انجنيريءَ تان هٽائي ڇڏيو. ليڪن ان جو نتيجو اهو نڪتو ته قاضي عبدالرحمان چيف آفيسر، ڪمشنر جي لاڳاپي ڪري، خودمختيار ٿي، پنهنجن دوستن جي پرواهه نه ڪري، ڪي بي قاعدگيون ڪيون. سندس هن روش محمد عثمان سومري ۽ شاهنواز شاه کي ناراض ڪيو، ۽ نيٺ هن کي لوڪلبورڊ مان ڊسمس ڪيو ويو.

ان وچ ۾، ١٩٢٨ع کان، سنڌ جي جدائيءَ جي تحريڪ شروع ٿي. سيد صاحب ان ۾ سرگرم حصو وٺندو رهيو. هن تحريڪ جي سلسلي ۾ ٽي ڪانفرنسون ٿيون - هڪ ڪراچيءَ ۾ شيخ عبدالمجيد جي صدارت هيٺ، ٻي حيدرآباد ۾ علامه يوسف عليءَ جي صدارت هيٺ، ۽ ٽين ڪراچيءَ ۾ سر غلام حسين جي صدارت هيٺ.

ڪاني ويا. گورنر، خلاف دستور جي، اتحاد پارٽيءَ جي نمائندي خانبهادر الهه بخش خان کي وزارت ٺاهڻ لاءِ سڏڻ بدران سر غلام حسين کي ان لاءِ سڏيو. سر غلام حسين موقعي مان فائدو ورتو، مير گروپ کي هڪ وزارت ڏيئي اتحاد پارٽيءَ کان ڦيري ويو، ۽ ”هندو آزاد پارٽيءَ“ کي هڪ وزارت ۽ هڪ اسپيڪر جي پوسٽ ڏيئي، يعني ڪين پنجاهه سيڪڙو عهدا ڏيئي، پاڻ سان شامل ڪري، پنهنجي وزارت کي مضبوط بنائي ويو. اها صورتحال ڏسي، سنڌ جا اڪثر مسلمان ميمبر به سرسيءَ جي پاسي ڊري پيا ۽ وڃي حڪومت سان شريڪ ٿيا، ۽ اهو انهن جو پوءِ دستور بنجي ويو. اتحاد پارٽيءَ کي ڪانگريس سان گڏ مخالفت ۾ ويهڻو پيو. اتحاد پارٽيءَ جو ليڊر خانبهادر الهه بخش سومرو ۽ سيڪريٽري مسٽر محمد هاشم گزدر هئا. انهن ٻنهي جماعتن اسيمبليءَ اندر مخالفت ۾ گڏجي ڪم ڪيو.

۱۹۳۷ع جي جولاءِ ۾ ڪنڊياري ۾ سنڌ ڪانگريس طرفان ڪانفرنس ڪئي ٿي ۽ ڊسمبر ۱۹۳۷ع تي چڪ ۾ ڪانفرنس ٿي. سيد صاحب انهن ۾ شرڪت ڪئي. تنهن وچ ۾ وزارت طرفان ڪوشش هلي آئي ته سيد صاحب کي وزارت جو طرفدار ڪيو وڃي. پهرين ميران محمد شاهه ۽ صاحبزادي عبدالستار جان جي معرفت ان قسم جي ڪوشش ٿي، پوءِ دادو ضلعي جي ڪليڪٽر مسٽر ٿهلراماڻي چيف آفيسر تي ان باري ۾ زور رکيو. ان سلسلي ۾ جڏهن مسٽر ٿهلراماڻيءَ جواب ڏنو ته مسٽر سيد جي ڪيس خبر هئي ته هو زور يا لالچ تي اصولن کي ٽوڙي، جنهن پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي چونڊجي آيو آهي ان کي ڇڏي، وزارت طرف ڪونه ٿيندو، ۽ ازانسواءِ هو سنڌس اثر هيٺ ڪونه هو، تڏهن، سيد صاحب کي شهه ڏيڻ لاءِ، حڪومت جي ڊر مسٽر ٿهلراماڻيءَ کي چيف آفيسريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. ان تي سيد صاحب سنڌ اسيمبليءَ ۾ مهملي جي رٿ پيش ڪئي. اسپيڪر ووٽ وٺڻ کان سواءِ رٿ ڊاڪ آئوٽ ڪرائي ڇڏي – ٻيءَ صورت ۾ امڪان هو ته وزارت کي شڪست اچي ها.

سيد صاحب جي ان اثر ڪان مرعوب ٿي، سر غلام حسين، صاحبزادي عبدالستار جان جي معرفت، اتحاد پارٽيءَ سان هڪ پروگرام جي بنياد تي ناهه ڪيو. هڪ ڳڍيل ورڪنگ ڪميٽي وزارت جي مشوري لاءِ قائم ڪئي ويئي. اتحاد پارٽيءَ ڪوبہ عهدو نہ ورتو، بلڪ هوءَ اڳي وانگر مخالفت ۾ رهندي آئي- ناهہ صرف انهيءَ نقطي تي بيٺل هو تہ جيستائين وزارت ڳڍجي قبول ڪيل پروگرام تي عمل پيرا رهندي، تيسين تائين ان جي ڊاهڻ جا اقدام نہ ڪيا ويندا. پروگرام جي وڏين ڳالهين ۾ قانون انتقال ايراضي ۽ قرض جي گهٽتائيءَ جا قانون پاس ڪرڻ مکيہ هئا. ڪجهہ وقت ۾، وزارت پروگرام جي معمولي ڳالهين جهڙوڪ درٻارين جي ڪرسين جي ختم ڪرڻ، روينيو زمين تان پنچري معاف ڪرڻ وغيره جا ڪم پورا ڪيا، ليڪن مکيہ ڪم سرانجام ڪرڻ کان ڪيتري زوربار کان پوءِ بہ ٽرڪائيندي آئي. ان ڪري ٻئي سال مارچ ۾ سيد صاحب ڪانگريس پارٽيءَ سان مشورو ڪري هڪ روپئي ڪٽر جي رٿ تي وزارت کي شڪست ڏيئي، اتحاد پارٽيءَ جي وزارت خانبهادر الهہ بخش سومري جي هٿ هيٺ برپا ڪرائي، جنهن ۾ پير الاهي بخش ۽ مسٽر نيچلداس ٻيا وزير چونڊيا.

خانبهادر الهہ بخش جي وزارت اول ۾ لوڪلبادڊيز تي نامزد ميمبرن جي دستور ختم ڪرڻ، بينچ ماجسٽريٽين جي ڪڍڻ، وغيره جا ڪم ڪيا. ليڪن اڳتي هلي هندو ميمبرن جي اثر ڪري مکيہ پروگرام جا ڪم مثلاً قانون انتقال ايراضي ۽ قرض جي گهٽتائيءَ جي قانون پاس ڪرڻ کان ٽرڪايو، ۽ گورنر جي چوڻ تي ٽنهي مدد ڪندڙ پارٽين يعني اتحاد پارٽي، هندو آزاد پارٽي ۽ ڪانگريس پارٽيءَ جي ٺهرائن خلاف، زمين تي ڍلون وڌائي ڇڏيون. ان تي اتحاد پارٽي هن جي برخلاف ٿي. ڪانگريس ڪن مصلحتن خاطر وزارت جي طرفدار رهي. ان ڪري مجبور ٿي، حاجي عبدالله هارون ۽ هن جا دوست، اتحاد پارٽي ختم ڪري، وڃي مسلم ليگ جماعت ۾ شامل ٿيا.

آڪٽوبر ۱۹۳۸ع ۾ صوبي سنڌ مسلم ليگ جو اجلاس ڪراچيءَ ۾ گڏ ٿيو. ان ۾ سيد صاحب گهڻي مدد ڪئي. قائد اعظم محمدعلي جناح پڻ مسلمان ميمبرن کي مسلم ليگ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. الهه بخشُ، سر سڪندر حيات ۽ مولوي فضل الحق وانگر، آل انڊيا معاملن لاءِ مسلم ليگ سان تعاون ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو، ليڪن مسلم ليگ جي ماتحت رهي وزير اعليٰ جي نئين سر چونڊ ڪرائڻ جي مخالف هو. ان ڪري ناهه ٽُٽي پيو. سيد صاحب دوستن سميت مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيو، جنهن جو ليڊر سر غلام حسين ۽ ڊپٽي ليڊر مير بنده علي خان هئا. ٿوري وقت کان پوءِ هن الهه بخش، وزارت خلاف بي اعتباريءَ جو ٺهراءُ پيش ڪيو. ان وقت جيڪي ميمبر ٺهراءَ جي پيش ڪرڻ جي پٺڀرائيءَ لاءِ هائوس ۾ آٿي بيٺا، انهن ۾ سر غلام حسين ۽ مير بنده علي خان به هئا. ليڪن آنهيءَ ئي ٺهراءَ تي بحث جي دوران، هو ٻيئي صاحب اندران ئي اندر وزارتون وٺي، وڃي الهه بخش وزارت ۾ شامل ٿيا. سيد صاحب جي ٺهراءَ کي صرف ستن مسلمان ميمبرن ووٽ ڪيو، جيتوڻيڪ جناح صاحب وٽ ۲۹ ميمبرن مسلم ليگ جي عهدنامي تي صحيح ڪئي هئي.

ان کان پوءِ سيد صاحب مسلم ليگ پارٽيءَ جو ليڊر خانبهادر کهڙي کي ۽ سيڪريٽري محمد هاشم گزدر کي چونڊايو. اسيمبليءَ کان ٻاهر مسلم ليگ کي سنڌ ۾ مشتهر ڪرڻ جو بار مٿس رکيو ويو. ان وچ ۾ سکر جي مسلم ليگين منزلگاه مسجد، جا سرڪار جي قبضي ۾ هئي، آن جي موٽائڻ جي تحريڪ شروع ڪئي. آن ۾ ڪيئي هزار مسلمانن ستيا گرهه ڪيو، ۽ جيلن ۾ ويا. هي ان ڪم جي چارج ۾ هو، تنهنڪري هن کي گرفتار ڪري حيدرآباد جيل ۾ ٻن مهينن لاءِ موڪليو ويو. ان وچ ۾ هندو مسلم فساد ٿيا. الهه بخش وزارت اقليت جو بچاءُ ڪري نه سگهي. ان ڪري هندن، مسلم ليگ سان گڏجي، الهه بخش وزارت کي ڊاهي، نئين وزارت

مير بنده علي خان جي هٿ هيٺ ناهي، جنهن ۾ سيد صاحب، خانبهادر کهڙو ۽ شيخ عبدالمجيد وزير هئا. سيد صاحب کي تعليم، انڊسٽري ۽ ليبر جا کاتا مليا. اٺ مهينا وزارت ۾ رهڻ بعد هن کي محسوس ٿيو ته وزارت، هندن جي ووٽ تي مدار رکڻ ڪري، عوام جي ڀلي جا ڪم ڪري نٿي سگهي، جو مسلم عوام ۽ هندو شاهوڪار جا مفاد متضاد هئا. ان واسطي هڪ ئي علاج هو ته سڀني مسلمان ميمبرن کي ڪٺو ڪجي، ۽ هي پاڻ، وزارت تان استعفا ڏيئي، مسلم عوام ۾ بيداري پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري.

سپٽمبر ١٩٣٩ع ۾ هي نئشنل پلئننگ ڪاميٽيءَ جي سلسلي ۾ بمبئيءَ ويو. اتي جناح صاحب سان مليو، هن، وزارت تان استعفا ڏيئي، مسلم ليگ جي سهاري هيٺ عوام ۾ بيداري پيدا ڪرڻ جي اجازت گهري. واپس اچڻ بعد، وڏو گشت ڪري، هن ظاهر ڪيو ته عوام جي تقاضائن مطابق هي پوريءَ طرح ڪم نه ڪري سگهيا، هئا ان ڪري هو پاڻ وزارت تان استعفا ڏيندو. پوءِ مولانا ابوالڪلام آزاد کي گهرائي، اُن جي معرفت خانبهادر الهه بخش کي وزارت ۾ اچڻ لاءِ رضامند ڪري، هن استعفا ڏيئي، الهه بخش کي وزارت ۾ آندو، ۽ ان جي گروهه کي ٻيءَ وزارت ڏيڻ جو وعدو ڪيائون. اها وزارت آل پارٽيز وزارت هئي. جملي اسيمبليءَ جي پارٽين گڏجي ان ۾ ڪم ڪرڻ گهريو ٿي. ليڪن ڪن مهينن گذرڻ بعد جناح صاحب اُن ناهه کي ناقبول ڪري، باقي وزيرن مان ٻئي ڪنهن جي استعفا جي منع ڪري ڇڏي، جنهن تي ٻئي سال ١٩٤١ع جي اول ۾ الهه بخش گروهه ۽ هندن گڏجي، مير بنده علي خان جي وزارت کي شڪست ڏني. ان کان پوءِ، سيد صاحب مسلم ليگ کي سنڌ ۾ منظم ڪرڻ جي ڪم ۾ لڳي ويو.

هن کي آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي ميمبر نامزد ڪيو ويو. ١٩٤٢ع ۾ حاجي عبدالله هارون وفات ڪئي، ۽ ان جي جاءِ تي هن کي صوبي مسلم ليگ جو، جناح صاحب جي موجودگيءَ ۾ سنڌس خواهش پٽاندر، صدر چونڊيو ويو. ١٩٤٣ع

جي ٣ مارچ تي سيد صاحب سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جو ٺهراءُ
پيش ڪري پاس ڪرايو، ۽ نهايت عمدي تقرير ڪئي، جا پنهنجيءَ
جاءِ تي هڪ يادگار تقرير آهي.

ساڳئي ١٩٤٣ع سال جي آخر ۾ هن صدر استقباليه ڪميٽيءَ
جي حيثيت ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي آخري ساليانه اجلاس کي
ڪراچيءَ ۾ مدعو ڪري، ان جو انتظام ڪيو، ۽ خطبو پڙهيو. ان
کان پوءِ هن کي آل انڊيا ڪاميٽي آف ائڪشن جو ميمبر چونڊيو ويو.

سال ١٩٤٢ع جي آخر ۾ خانبهادر الهه بخش جي وزارت کي
گورنر ڊسمس ڪيو. ان جي جاءِ تي سر غلام حسين وزير اعليٰ ٿيو
۽ ائين مسلم ليگ وزارت قائم ٿي. ترت ئي پوءِ خانبهادر الهه بخش
جي شهادت واقع ٿي ۽ ان جي جاءِ تي حاجي مولابخش ميمبريءَ
لاءِ اميدوار بيٺو. ٻئي طرف سيد صاحب مسلم ليگ طرفان خانبهادر
احمد خان سدايي کي اميدوار بيهاري، ٽي مهينا شڪارپور ۾ رهي،
خانبهادر کهڙي، آغا غلام نبي خان، سيد حسن بخش شاه ۽ غلام حيدر
شاه وغيره جي مدد سان ان کي ميمبر چونڊايو.

١٩٤٤ع ۾ اهو ميمبر انتقال ڪري ويو. ان وچ ۾ خانبهادر
کهڙو الهه بخش جي قتل جي سازش ۾ گرفتار ٿيو. سال جي آخر ۾
احمد خان سدايي جي خالي ٿيل جاءِ وري پرڻي هئي. صوبه پارليامينٽري
بورڊ ان جاءِ تي آغا غلام نبي خان، وائيس پريزيڊنٽ، صوبه مسلم ليگ،
کي ٽڪيٽ ڏني. سر غلام حسين پنهنجي پٽ انور کي اميدوار
بيهارڻ گهريو ٿي، جنهن لاءِ آن آل انڊيا مسلم ليگ پارليامينٽري
بورڊ کي اپيل ڪئي، پر آها رد ٿيس. موٽ ۾ هن مسلم ليگ اميدوار
بدران مخالف اميدوار حاجي مولابخش جي، سرڪاري عملدارن معرفت،
مدد ڪري، ان کي کٽارايو. مسلم ليگ اميدوار شڪست کاڌي. نه
فقط ايترو، پر چاڪاڻ ته ان چونڊ ۾ مسٽر گذدر، مسلم ليگ جي
وزير، مسلم ليگ اميدوار جي مدد ڪئي هئي، ان ڪري هن کي
وزارت کان خارج ڪري ڇڏيائين، ۽ کهڙي جي جاءِ تي پارٽيءَ

جي اڪثريت جي راءِ خلاف مير غلام علي خان کي وزير مقرر ڪيائين. سگهوئي ۱۹۴۴ع جي آخر ۾ مير غلام الله خان وفات ڪري ويو. ٽنڊي محمد خان ۾ ميمبريءَ جي جاءِ خالي ٿي. ان وقت ڏاري صوبہ مسلم ليگ ۽ مسلم ليگ وزارت ۾ کلي مخالفت پيدا ٿي چڪي هئي. ان ڪري آتي پڻ صوبہ مسلم ليگ جي اميدوار کي شڪست ڏياري وئي.

ان کان پوءِ مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ طرفان ٻنهي طرفن جي وچ ۾ سمجهوتي ڪرائڻ جي ڪوشش ٿي. سوال اهو هو تہ مسلم ليگ وزارت جي ماتحت رهي ڪم ڪري يا وزارت صوبہ مسلم ليگ جي ماتحت رهي. اهو سوال فيصل ٿي نہ سگهيو. اختلاف وڌندا ويا.

آخر ۾ نين چونڊن جون تياريون ٿيون. صوبہ مسلم ليگ چونڊن واسطي ٽڪيٽن ڏيڻ ۽ چونڊن ڪرائڻ لاءِ پارليامينٽري بورڊ چونڊيو. جناح صاحب اهو بورڊ رد ڪرائي، وزارت ڌر کي ان ۾ اڪثريت ڏياري. نين چونڊن لاءِ ٽڪيٽن ڏيڻ مهل وري صوبہ مسلم ليگ ۽ وزارت جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيو. مرڪزي مسلم ليگ وزارت جو طرف ورتي، صوبہ مسلم ليگ کي سسپنڊ ڪري، ان جي اميدوارن خلاف اميدوار بيهاريا. اليڪشن ۾ طرح طرح جا ناجائز طريقا وزارت طرفان اختيار ڪيا ويا. باوجود ان جي، ڪجهہ تعداد مسلم ميمبرن جو مسلم ليگ کان ٻاهر چونڊجي آيو، جن سيد صاحب کي ليڊر چونڊيو. مسلم ليگ هنن سان تعلق رکڻ کان انڪار ڪيو. ان ڪري ڪانگريس پارٽيءَ سان، جا اُن وقت ۲۲ ميمبرن تي مشتمل هئي، هن ڪوئليشن ڪيو، جن گڏجي اڪثريت ڏيکاري، وزارت ناهڻ لاءِ گورنر کان گهر ڪئي، پر گورنر سر غلام حسين کي وزارت ناهڻ لاءِ حڪم ڪيو. نتيجي طور سيد صاحب پنهنجن ميمبرن سميت مخالفت ۾ رهيو.

ان وچ ۾ ڪئبينيٽ مشن دهليءَ آئي. اُن، اسيمبليءَ ۾ ليڊر آف آپوزيشن هئڻ جي حيثيت ۾، سيد صاحب کي گهرايو. سيد صاحب

کين صاف ٻڌايو ته سنڌس ڪانگريس اسيمبلي پارٽيءَ سان ڪوئليشن صوبائي مسئلن بابت هو، ۽ پاڪستان جي مسئلي بابت سنڌس رايو اهو هو ته آزاد هندستان ۾ آزاد پاڪستان ٿيڻ گهرجي.

آخر ۾ سر غلام حسين وزارت اسيمبليءَ ۾ اڪثريت وڃائي ويٺي. گورنر، مسٽر موڊيءَ، مخالف ڌر کي وزارت ناهڻ لاءِ چانس ڏيڻ جي عيوض، اسيمبلي ختم ڪري، نيون چونڊون ڪرايون. چونڊن جي عرصي ۾ سر غلام حسين وزارت ٽي برسراقتدار رهي، جنهن هرطرح جا ڪڏا طريقا اختيار ڪري، سيد صاحب ۽ سنڌس پارٽيءَ جي مسلم ميمبرن کي شڪست ڏياري. آن تي هن ٽربيونل اڳيان اليڪشن پيٽيشن داخل ڪئي، جنهن وٽ ثابت ٿيو ته مسلم ليگ طرفان رشوت، ۽ غلط پروپيگنڊا کان ڪم ورتو ويو هو ۽ ڪوڙا ووٽ وغيره ڏيارايا ويا هئا. ان ڪري قاضي محمد اڪبر جي اليڪشن رد ٿي، ۽ پير الاهي بخش، جو ان وقت مسلم ليگ جو وزير اعليٰ هو، آهو ميمبريءَ ۽ وزارت تان خارج ٿيو.

ان کان پوءِ سيد صاحب "مسلم جماعت" جي نالي سان پارٽي ناهي، ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ترت ٿي پوءِ ١٩٤٧ع ۾ پاڪستان قائم ٿيو. سر غلام حسين سنڌ جو گورنر ۽ کهڙو صاحب سنڌ جو وزير اعليٰ مقرر ٿيا. شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ۽ سيد صاحب، وزير اعظم پاڪستان لياقت علي خان جي اپيل تي، کيس لکي موڪليو ته باوجود صوبائي مفاد جي سلسلي ۾ نظرياتي اختلاف موجود هجڻ جي، هي پاڪستان جي پلي ۾ حڪومت جي مدد ڪرڻ لاءِ، سواءِ ڪنهن عهدي وٺڻ جي، تيار هئا. ليڪن حڪومت طرفان کين ڪو به جواب نه ڏنو ويو.

سيد صاحب جي قائد اعظم سان اختلاف کي خود غرض آدمي کهڙو به رنگ ڏين، پر اصل ۾ اهو بن پنهنجيءَ جاءِ تي اهم ترين مسلمان ليڊرن جي ذاتي عزت ۽ وقار جي ٽڪر جو

مسئلو هو. قائد اعظم مسٽر جناح جو خيال هو ته سيد صاحب ٻه رواجي سياسي ليڊر آهي ۽ تنهنڪري مسلمانن جي واحد اڳواڻ جي حيثيت ۾ هو کيس نڪ کان وٺي هلائيندو ته هلندو، پر سيد صاحب ڪٿ مٽاچرو ۽ هٽ جو نهيل اڳواڻ ته ڪونه هو. مسٽر جناح کيس مرعوب ڪري پنهنجي ڪيڊ لڳائڻ ٿي گهريو يا وري کيس هيسائي، شڪست ڏيئي، بيڪار بنائڻ ٿي گهريو. قائد اعظم جناح پنهنجي زندگيءَ ۾ اها واحد سياسي غلطي ڪئي، جو هن سيد صاحب کي پورو نه سڃاتو.

سيد صاحب سنڌ جي عظمت جو جهنڊو پنهنجي هٿان ڪرڻ نه ڏنو. هن چاتو ته هو ٿاٻڙيو ته سنڌ ۾ ڪانگس سواءِ ٻيو ڪير آهي ئي ڪونه، جو ميدان ۾ هنن طوفانن ۾ بيهي سگهي، جيڪي اٿاريل ئي سندس هٿا. ۽ اهائي تاريخ جي صحيح صحيح پڙهٽي هٽي. مقابلو سنڌ خاطر سيد نه ڪري ته ٻيو ڪير ڪري؟ –هر ڪسي را بهر ڪاري ساختہ اند!

سيد صاحب جي سنڌ پرستي تعصب نه پر ڪمال خود داريءَ ۽ قومي عزت ۽ وقار جو معاملو آهي. سيد کي سنڌ کان علحده ڪيو وڃي ته اهو ملڪ هڪ ويرانو نظر ايندو.

سيد صاحب آلرن ڪرڻ ۽ هيسائڻ ۽ دٻائڻ جهڙي شخصيت جو مالڪ ته ڪونه آهي، جو ڪوئي مٽس الر ڪري، کيس نيچو ڏيکاري. باقي ذاتي زندگيءَ ۾ سندس دروازو دوست ۽ دشمن لاءِ يڪسان طور کليل آهي. هن کي ڪنهن سان نه وير نه بغض نه وروڌ آهي. افسوس، جو هن جو ڪمال ٻه ڪن کي عيب ٿي ستائڻ لڳي. سيد صاحب جي شخصيت کي هٽراڌو طريقن سان داغدار نٿو بنائي سگهجي. پيدائشي بلند مرتبي وارو سنڌي سردار سيد، تنهن تي سياسي لنيون، ڪهاڙا، ڪوڏريون، ڀالا ۽ ڏنڊا ڪنيو ڪي ٻه بيهندا، ته سنڌ جو ضمير ان جي بر خلاف اٿي کڙو ٿيندو ۽ ضرور ٿيندو. سيد جي عظمت پروڻ هيٺ ڪو لڪائي سگهي، اهو ممڪن

نہ آهي. هر لخطي، هر گهڙيءَ، هر ڏينهن سندس عظمت جي ڏاڪ وڌندي آهي ۽ وڌندي رهي ٿي. دشمن چہ کند چون مهربان باشد دوست!

جڏهن شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ۽ سيد صاحب جي تعاون جي آڇ کي ڌيان لائق نہ سمجهيو ويو، تڏهن، خان عبدالغفار خان جي صدارت هيٺ، سيد صاحب ۽ سندس دوستن آل پاڪستان پيپلز پارٽي ناهي، پنهنجي منهن قومي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

۱۹۴۸ع ۾ مرڪزي حڪومت سنڌ کان ڪراچي جدا ڪرڻ گهري. خانبهادر کهڙو ان وقت صوبي سنڌ جو وزير اعليٰ هو ۽ صوبي مسلم ليگ جو صدر هو. آن، سنڌ مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ ۽ صوبي مسلم ليگ جي راءِ معلوم ڪرڻ بعد، ڪراچي خوشيءَ سان مرڪز جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو. مرڪز سر غلام حسين جي توسط سان مير غلام علي خان ۽ پير الاهي بخش کي هن جي مخالف اڀاري، سنڌ ۾ ميمبرن هٿ ڪرڻ لاءِ موڪليو، پر هو اڪثريت حاصل ڪري نہ سگهيا. لاچار سرغلام حسين مرڪز جي حڪم مطابق کهڙي جي وزارت کي ڊسمس ڪري، ان جي جاءِ تي پير الاهي بخش کي وزير اعليٰ ڪيو، جنهن جي وزارت سيد صاحب کي سن ۾ ٽن مهينن لاءِ نظربند ڪري رکيو، ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي منظوريءَ کان سواءِ ڪراچي مرڪز جي حوالي ڪئي.

هن مرحلي تي خان عبدالغفار خان ۽ پيپلز پارٽيءَ جي ٻين ڪارڪنن کي پڻ جيل ۾ موڪليو ويو.

ٿوروئي وقت پوءِ، جڏهن اليڪشن ٽربيونل ۾ پير الاهي بخش وزارت اعليٰ تان خارج ٿيو، تہ ان جي جاءِ تي يوسف هارون وزير اعليٰ ٿيو. ان کان پوءِ سنڌ ۾ ڪيئي وزارتون ڊهيون ۽ نهيون. ڪجهہ وقت سنڌ ۾ گورنر جي پڻ حڪومت رهي.

۱۹۵۳ع ۾ سرناظم الدين، وزير اعظم پاڪستان، کي گورنر جنرل پاڪستان مسٽر غلام محمد خان ڊسمس ڪري، ان جي جاءِ تي نئون وزير اعظم محمد علي بوگرا آمريڪا کان گهرائي رکيو.

١٩٥٣ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جون نيون چونڊون ٿيون، جن لاءِ حڪمران پارٽيءَ جي سامهون متحده محاذ ٺهيو، جنهن ۾ آزاد پاڪستان پارٽي، هاري پارٽي ۽ پيپلس پارٽي وغيره جو اشتراڪ هو. سيد صاحب ان محاذ جي ٽڪيٽ تي پنهنجن ستن ميمبرن سان چونڊجي آيو، ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ مخالف پارٽيءَ جو ليڊر ٿي رهيو ۽ اسيمبليءَ ۾ ڪراچيءَ جي موٽي ملڻ ۽ سنڌ لاءِ پاڪستان ۾ مستقل ۽ ناقابل ترديد حقن جي گهر لاءِ مفصل ۽ واضح ٺهراءُ پڪراءِ پاس ڪرايائين.

ان وچ ۾ چوڌري محمد عليءَ ۽ غلام محمد خان گورنر جنرل پاڪستان طرفان ڪوشش ٿي ته مغربي پاڪستان جي سڀني صوبن کي گڏي هڪ صوبو ڪيو وڃي. وزير اعليٰ سنڌ، پيرزادي صاحب، سڀني سنڌ اسيمبلي ميمبرن کي گهرائي، ڪائنن راءِ پڇي. هنن انڪاري جواب ڏنو. ان تي گورنر جنرل خود مرڪز ۾ پاڪستان آئين ساز اسيمبلي ختم ڪري، نئين وزارت ناهي، ۽ پڻ پيرزاده وزارت کي ڊسمس ڪري خانبهادر کهڙي، علي محمد راشديءَ ۽ قاضي محمد اڪبر کان ون يونٽ جي منظوريءَ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ کان ٺهراءُ پاس ڪرائڻ جو وعدو وٺي، کين پيرزادي جي جڳهه تي وزير ڪري رکيو. هنن صاحبن پوليس جي مدد سان، ماڻهن کي جيل ۾ وجهڻ، ۽ ٻين قسم قسم جي ڌهڪائيندڙ ۽ ناجائز طريقن سان سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن کان ون يونٽ ۾ وڃڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرايو. هائوس ۾ اندر عملي طور صرف ڇهن ميمبرن مخالفت ڪئي، جن ۾ پير الاهي بخش، شيخ خورشيد، عبدالحميد جتوئي ۽ رئيس غلام مصطفيٰ خان ڀرڳڙي هئا.

سيد صاحب، قاضي فيض محمد، حيدر بخش جتوئيءَ جهڙن اعليٰ ليڊرن کي ان موقعي تي جيل ۾ موڪليو ويو. سيد صاحب هن ڀيري ٦ مهينا جيل ۾ رهيو.

ان کان پوءِ ون يونٽ اسيمبليءَ لاءِ اڳوڻن صوبائي اسيمبلي ميمبرن کان چونڊون ڪرايون ويئون. انهن ۾ مغربي پاڪستان

اسيمبليءَ ۾ سيد صاحب ستن ميمبرن سان چونڊجي آيو، جتي متحده محاذ جي ليڊر جي حيثيت ۾ هي مخالف گروهه ۾ رهيو.

ان وچ ۾ آگسٽ ۱۹۵۵ع ۾ مغربي پاڪستان جي اقليت وارن صوبن جي قومي ڪارڪنن جي ڪراچيءَ ۾ سندس بنگلي تي خان عبدالغفار خان جي صدارت هيٺ هڪ ميٽنگ ڪٺي ٿي، جنهن ۾ ”آئنٽي ون يونٽ فرنٽ“ قائم ڪيو ويو. ان ڪان پوءِ مغربي پاڪستان جي سڀني قومپرست پارٽين گڏجي لاهور ۾ ”نئشنل پاڪستان پارٽي“ ناهي، جنهن جو صدر خان عبدالغفار خان ٿيو. ان جي مقصدن ۾، ون يونٽ کي ڊاهي صوبن جو قائم ڪرڻ هڪ مقصد هو.

سيد صاحب مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ حڪمران ريپبلڪن پارٽيءَ ۽ مخالف مسلم ليگ پارٽيءَ سان گفت و شنيد ڪري، پهرين مسلم ليگ ڪان ون يونٽ ڊاهڻ جو واعدو ورتو ۽ پوءِ ريپبليڪن پارٽيءَ ڪان اهڙي قسم جو واعدو ورتو، ۽ نيٺ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ اهو ٺهراءُ آڻائي، ۳۱۰ ميمبرن جي اڪثريت ڪان آهو ٺهراءُ پاس ڪرايائين. ٺهراءَ جي مخالفت صرف ڇهن ميمبرن ڪئي!

ان وقت ڌاري مسٽر حسين شهيد سهروردي ۽ مولانا عبدالحميد ڀاشانيءَ جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيو. ان تان مولانا ڀاشانيءَ نئشنل پاڪستان پارٽيءَ سان ناهه ڪيو، ۽ نئين پارٽي ”نئشنل عوامي پارٽيءَ“ جي نالي سان وجود ۾ آئي، جنهن جو آل پاڪستان پريزيڊنٽ مولانا ڀاشاني ٿيو ۽ مغربي پاڪستان جو ليڊر خان عبدالغفار خان چونڊيو. سيد صاحب جو هن پارٽيءَ جي قائم ٿيڻ ۾ مکيه هٿ هو.

اڳتي هلي، حڪمران ريپبليڪن پارٽي، اهل پنجاب جي عام راءِ ڪان مرعوب ٿي، ون يونٽ کي آئيني طريقي سان ٽوڙڻ ۽ مغربي پاڪستان ۾ ننڍين قوميتن کي، سنڌن وڌايل آٽونامي موٽائي ڏيارڻ واري واعدي تان ڦري ويئي، جو آها آئين ۾ اهڙي ترميم آڻڻ لاءِ

تيار نہ ٿي، ۽ ائين مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جو تقريباً متفقہ مطالبو عمل ۾ اچي ڪين سگھيو. البت مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جو اهو متفقہ آئيني مطالبو اڄ بہ ون يونٽ جي وجود جي آئيني حيثيت تي هڪ وڏي سوال جي نشانيءَ طور جيئن جو تيئن قائم آهي. بهر حال تڏهن ڪو حڪمران ريپبليڪن پارٽيءَ جي ان وعدي شڪنيءَ کان پوءِ، سيد صاحب اينڊز چوندن ۾ ون يونٽ کي ڊاهڻ لاءِ سنڌ اندر سڀني سياسي گروهن کي خان بهادر کهڙي جي چيئرمنيءَ هيٺ متحد ڪري، "اينٽي ون يونٽ فرنٽ" قائم ڪرايو، ۽ ساڳيءَ طرح بلوچستان ۽ صوبي سرحد ۾ بہ اهڙن فرنٽن قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش شروع ڪئي.

جيئن تہ نيون چونڊون جلد ٿيڻ واريون هيون، ان ڪري ون يونٽ جي حامي گروهہ ٨- آڪٽوبر ١٩٥٨ع تي ساري پاڪستان سان مارشل لا لاڳو ڪري، اسيمبليون ختم ڪيون، ۽ سيد صاحب ۽ ٻين نئشنل عوامي پارٽيءَ جي ميمبرن کي جيل ۾ موڪليو. سيد صاحب پوءِ ١٩٦٠ع تائين جيل ۾ رهيو. ان کان پوءِ سندس صحت جي خرابيءَ ڪري ڪيس مارچ ١٩٦٦ع تائين سن جي شهر ۾ نظر بند ڪري رکيو ويو، جنهن کان پوءِ هن کي بنا شرط جي آزاد ڪيو ويو.

جون ١٩٦٦ع ۾، هن صحت جي خرابيءَ ۽ ٻين سببن ڪري سياست کان ڪناره ڪشيءَ جو اعلان ڪري، "بزم صوفياءِ سنڌ" تحريڪ ۾ سنڌ جي رهاڪن جي اخلاقي، نفسياتي ۽ ذهني درستيءَ ۽ تربيت لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، ۽ سنڌ جي ڪلچرل پيغام پکيڙڻ لاءِ خطبا ڏيڻ شروع ڪيا.

هن جو ويساهہ آهي تہ "سر زمين سنڌ کي اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم لاءِ خاص پيغام" ڏيڻو آهي. انهيءَ عالمي اخوت جي مشن جي سرانجاميءَ لاءِ هو سنڌ جي رهاڪن کي زياده موزون ٿو ڄاڻي. هن جي سامهون قديم تاريخ جا دفتر

ڳواهي ڏين ٿا ته ڪيئن نه هتي مختلف نسل، تهذيبون، مذهبي فلسفا ۽ سياسي طريقا ملي جلي يڪرنگي ۽ هم آهنگي اختيار ڪري ويا آهن. دنيا جي نئينءَ تعمير لاءِ، جنهن ۾ مشرق ۽ مغرب جا ويڇا مٽجي، سڀ هڪ وحدت ۾ گڏجٽا آهن، سرزمين سنڌ کي انهيءَ پنهنجي تاريخي ۽ اسڻ تجربي جي روشنيءَ ۾ دنيا جي اڳيان هڪ خاص پيغام پيش ڪرڻو آهي. سندس لفظن ۾، هن کي ”هن اندڪار جي زماني ۾ به ڪي روشنيءَ جا ترورا نظر اچي رهيا آهن.“ هن جو ايمان آهي ته ”موجوده جسماني ولوڙ بعد مڪرڻ هتان ئي نڪرڻو آهي.“

اهو پيغام سندس پنهنجن لفظن ۾ هيٺيون آهي، جو هو اهل سنڌ طرفان ڏيڻ گهري ٿو—

”١- اتحاد انساني ڪيئن حاصل ڪري سگهبو:

”شيخ سعدي عليہ الرحمة جو چوڻ آهي ته ’جملي ماڻهو جسم واحد جا جزا آهن ۽ انهن جو درد دک هڪڙو آهي‘. ان جي مدنظر ماڻهن جو اتحاد هر هڪ شخص جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ جو ڪارڻ بنجي ٿو، ۽ نفاق، باهمي حسد ۽ خود مطلبي نه صرف قومن لاءِ نقصانڪار آهن بلڪ فردن جي زندگيءَ لاءِ تباه ڪن بنجن ٿا.“

پوءِ بيان ڪري ٿو ته اتحاد انساني حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ کان ضروري ڳالهہ اها آهي ته

”٢- ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت جي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي. جنهن مطابق جملي مذهبن جي پوئلڳن کي باهمي سمجهوتي، رواداريءَ ۽ باهمي تعاون ذريعي اتحاد، امن ۽ انساني ترقيءَ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻو آهي.

”٣- قومي تفوق ۽ خود مطلبيءَ کي ختم ڪرڻ:

”اتحاد انسانيءَ لاءِ، جو خاص پيغام سنڌي درويشن ڏنو آهي،

سو فسطائي نظر بي جي قومي برتريءَ ۽ خود مطلبيءَ کي انسانذات جي مجموعي مفاد لاءِ ايثار ۽ قربان ڪرڻ جو آهي. هُنن قومن کي انسانذات جي جسم جا جزا ڄاتو هو.

”٤ـ نظرياتي پوئلڳيءَ کان پاسي رهڻ:

”اتحاد انسانيءَ لاءِ ڇوڏون سبق، جو صوفياي سنڌ سيکاريو هو، سو اهو آهي ته ڪنهن به مذهبي، اقتصادي ۽ سياسي نظريي کي مڪمل ڄاڻي، ان جي انڌي پوئلڳيءَ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. نظريا ماڻهن جا پيدا ڪيل آهن ۽ ماڻهو سندن محتاج نه آهن. ماڻهن کي هرشيءِ مان ’خذ ما صفا دع ما ڪدر‘ معنيٰ، چڱي شيءِ حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ خراب کي ڇڏو ڪرڻ گهرجي. شاهه لطيف صوفيءَ کي لاڪوفي سڏي ٿو، جنهن جي معنيٰ جديد اصطلاح ۾ نان الائينڊ (Non-allıgned) يا غير جانبدار نيڪ ٿيندي.

”٥ـ تشدد (هنسا) جي طريقن کي ترڪ ڪرڻ:

”سنڌ جي درويشن اتحاد ۽ امن جي ڪنجي اهنسائي طريقن کي سمجهيو هو. ان موجب هرفرد ۽ قوم کي راءِ جي آزاديءَ جو مڪمل حق هو. اختلافن جي حالت ۾ انهن کي باهمي سمجهوتي ۽ رواداريءَ جي بنيادن تي فيصل ڪرڻو هو. سمجهوتي نه ٿيڻ جي حالت ۾ ’لڪم دين ڪم ولي دين‘ـ يعني، توهان جي لاءِ توهان جا رايا ۽ منهنجي لاءِ منهن جا رايا ـ تي عمل ڪرڻو آهي. اڄ ڪلهه جي بين الاقوامي اصطلاح ۾ ڪو ـ اگزسٽنس (Co-existence) يعني ’باهمي برداشت‘ ’يا گڏجي رهڻ‘ جي لفظ سان ان کي سڏي سگهجي ٿو. پنهنجي راين کي زوريءَ ٻين تي مڙهڻو نه آهي.

”٦ـ تنازع للبقا جي عيوض تعاون برائي ترقي:

”دنيا ۾ هن وقت بچاءَ لاءِ تنازع، ۽ ارتقا لاءِ مقابلي کي ضروري ڳالهه سمجهيو وڃي ٿو، جنهن جي بنياد تي هرڪو پنهنجي ترقيءَ ۽ بچاءَ جي ڪوشش ۾ مشغول آهي. ان ڪري غريب

شاهوڪار، ڏاڍي هيٺي، حاڪم محڪوم، سڌريل ۽ اڻ سڌريل جا مستقل مفاد بنجي پيا آهن، جنهنڪري دنيا ۾ جهڳڙا ۽ فساد هليا اچن. اَن رويي کي ترڪ ڪري، بچاءَ ۽ ترقيءَ لاءِ تعاون جي راهه اختيار ڪرڻي آهي، جا ڪنهن ڪائڻ ڪان سواءِ حاصل ٿيڻ واري نه هئي."

سيد صاحب جي راءِ موجب اِنهيءَ پيغام پکيڙڻ لاءِ هرهڪ سنڌيءَ کي مِشنري ٿي ڪم ڪرڻو هو. هو اَن مِشن جي ڪاميابيءَ لاءِ سنڌ جي سياسي، اقتصادي ۽ ذهني آزادي لازمي ڳالهيون سمجهي ٿو، ۽ اُنهيءَ ۾ پاڪستان جي مضبوطيءَ ۽ حفاظت جي ضمانت مضمر ڏسي ٿو.

سنڌس ويساهه آهي ته ايشيا ۽ آفريڪا جي پٺتي پيل قومن جي آزاديءَ، اتحاد، ۽ امن ۽ ترقيءَ لاءِ ڀارت ۽ پاڪستان جي باهمي سمجهوتي ۽ تعاون جي ازحد ضرورت هئي. هن "ايشيا ۽ آفريڪا جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ ۾ امن عالم جو راز سمايل" ڏٺو آهي.

سيد صاحب کي پوءِ ١٩٦٧ع جي شروع کان ١٩٦٨ع جي آخر تائين وري نظر بندڪيو ويو. اُن نظر بنديءَ جي خلاف، هاءِ ڪورٽ جي اڳيان هن پنهنجي بيان ۾ چيو ته هو سياست عمليءَ کان ڪناره ڪش ٿي چڪو آهي، ۽ هن کي گذريل وقت ۾ ون يونٽ جي مخالفت ڪرڻ ڪري ئي انتقام وٺڻ لاءِ نظر بند ڪيو ويو هو. هن پنهنجي بيان ۾ اهو به ظاهر ڪيو ته ون يونٽ جي مخالفت سنڌس اعتقادي مسئلو هو، جنهن جو بنياد هيٺين سببن تي بيٺل هو:

(١) ون يونٽ جو قيام حق خود اراديءَ جي انهن بنيادي اصولن جي خلاف آهي، جن لاءِ پاڪستان وجود ۾ آيو. هي صوبن جو جبريه ۽ غير مساويانه ميلاپ ٢٣ مارچ ١٩٤٠ع واري آل انڊيا مسلم ليگ جي لاهور واري ٺهراءَ جي خلاف آهي.

(٢) ون يونٽ جو قيام سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جي حق ۾ پاس ڪيل ٺهراءَ جي روح جي خلاف هو، جو ٺهراءُ هن ئي پيش ڪري پاس ڪرايو هو.

(٣) ون يونٽ جو قيام برٽش پارليامينٽ جي پاس ڪيل انڊين انڊيپينڊنس ائڪٽ ١٩٤٧ع جي پڌري مطلب ۽ روح جي خلاف هو.

(٤) ون يونٽ جو قيام اقوام متحده جي چارٽر جي خلاف آهي، جنهن مطابق هر هڪ قوم ۽ قوميت کي، جا وطن، زبان، ڪلچر ۽ سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي هڪجهڙائيءَ سبب مستقل تاريخي وجود رکي ٿي، مڪمل ۽ ناقابل ترديد حق خود اراديءَ جي مالڪ آهي.

(٥) ون يونٽ جو قيام بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ جي تحريڪ جي روح ۽ جدوجهد جي خلاف هو، جنهن لاءِ جملي هندستاني پارٽين، جهڙوڪ ڪانگريس، مسلم ليگ، جميعت العلماء هند ۽ خلافت جدوجهد ڪئي هئي.

(٦) ون يونٽ جو قيام قائد اعظم محمد علي جناح جي مسلمانن طرفان پيش ڪيل ١٤ نقطن جي پڌري مطلب۽روح جي خلاف هو.

(٧) ون يونٽ جو قيام آل پارٽيز مسلم ڪانفرنس دهليءَ جي ١٩٣٠ع واري ٺهراءَ جي خلاف هو.

(٨) ون يونٽ ۾ سنڌ جي جبري ۽ غير مساويانه شموليت سنڌين جي قومي جذبات لاءِ موت جي پيغام برابر هئي.

سيد صاحب سياست کان ڪناره ڪش هئڻ ڪري ون يونٽ جي ٽوڙڻ لاءِ اڄ ڪو عملي قدم نه ٿا کڻي، ليڪن اعتقادي طور ڪيتريءَ به قيمت تي ان عقيدي کان هو دست بردار نٿو ٿي سگهي. آن سلسلي ۾ اسلام جي مخالفت، پاڪستان ۾ انتشار پيدا ڪرڻ جا الفاظ ۽ اهڙا ٻيا چند اقتدار ۾ آيل صاحبن جا الزام ۽ دڙڪا هن تي اثر پيدا ڪري نٿا سگهن.

سيد اعظم جي لازوال شخصيت ۽ سندس بي پناهه جاذبيت کي مجروح ڪرڻ لاءِ دانسته طور ڪيس دڙڪا ڏيئي هيسائڻ جو

فرمايائون، ۽ ارشاد ڪيائون ته الله هنن جي پونين مان اسلام جا خيرخواهہ پيدا فرمائي! سيد اعظم ٻه ان فيض ۽ سخا جي سرچشمي جو پياڪ ۽ پياريندڙ آهي. هن تي الزامَ وقتي ۽ بي سود معاملو آهي. الله ڪري اهو جلد از جلد ختم ٿئي. چنڊ کي ڪو داغدار چوي ته سندس عقل تي ماتم نه ڪجي، ٻيو ڇا ڪجي! سنڌ جو آهي ئي اهو هڪ. آن هڪ کي الزام هيٺ آڻي، ٻيءَ ساريءَ سنڌ کي مٿي تي کڻبو ٻه، ته ٻه ڪجهه نه ورندو. هن هڪ تي بغاوت جو الزام ڌربو، ته گويا پنهنجي زبان ۽ روش کان اهو ثابت ڪبو ته ساري سنڌ باغي آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ اصل ۾ آهي ئي في زمانه اهو هڪُ ـ تنهنڪري هن تي الزامن کي بند ڪري، هن جو قرب حاصل ڪجي. ڇڱيءَ طرح ڏسجي ته هيءَ امامه ماڻڪ مخالفت جي گند ۾ اڇلائڻ واسطي نه قدرت ڪونه پيدا ڪيو آهي: ڪيترو به گند آن ڏانهن اڇلائبو، ته هن جي روشني وڌيڪ اکين کي وڻندي ۽ دل کي ڇڪيندي.

---

(۳) پاڪستان تي ايم- آر- ٽي جي لکيل ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو، ۱۹۴۱ع شايع ٿيو.
(۴) نئين سنڌ لاءِ جدوجهد (سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾)، ۱۹۴۷ع ۾ شايع ٿيو ۽ ۱۹۵۹ع ۾ ضبط ٿيو.
(۵) پيغام لطيف (شاهه عبداللطيف جي پيغام جي سمجهاڻي) (سنڌيءَ ۾)، ۱۹۵۲ع ۾ شايع ٿيو.
(۶) موجوده سياسي مسئلا (سنڌيءَ ۾)- ان ۾ ڇهن موضوعن تي بحث آهي-
پاڪستان ۾ قوميت جو مسئلو، زبان جو مسئلو، مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟ ۽ سنڌ جا مسئلا، ۱۹۵۴ع ۾ شايع ٿيو ۽ ۱۹۵۹ع ۾ ضبط ٿيو.
(۷) رهاڻ (سيد ميران محمد شاهه جي سنڌي خطن جو مجموعو)، ۱۹۶۵ع ۾ شايع ٿيو.
(۸) بزم صوفيائي سنڌ جا خطبا (سنڌيءَ ۾) ۱۹۶۷ع ۾ شايع ٿيو.
(۹) جديد سياست جا نورتن (سنڌيءَ ۾)، ۱۹۶۷ع ۾ شايع ٿيو ۽ ۱۹۶۸ع ۾ ضبط ٿيو.
(۱۰) شاهه لطيف جون وايون ۽ ڪافيون، ۱۹۶۸ع ۾ شايع ٿيو.
(۱۱) جنب گذاريم جن سين- ٻن جلدن ۾، ۱۹۶۷ع ۾ شايع ٿيو.
(۱۲) پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني، ۴ جلدن ۾- اڻ ڇپيل.
هرهڪ جلد ستن بابن تي مشتمل ۱- بين الاقوامي مسئلا، ۲- هندستان جا مسئلا، ۳- سنڌ جا مسئلا، ۴- سماجي سرگرميون، ۵- پنهنجي ذهني، نفسياتي، مذهبي ۽ سياسي فڪر جي ارتقا، ۶- ڊائريءَ جا مکيه ٽڪرا ۽ ۷- مکيه ماڻهن سان واقفيت- ۱۹۱۰ع کان ۱۹۶۵ع تائين.
(۱۳) مکيه سياسي مضمونن جو مجموعو- اڻ ڇپيل.
(۱۴) مکيه ادبي مضمونن ۽ خطن جو مجموعو- اڻ ڇپيل.

(١٥) پير علي محمد شاهہ راشديءَ جي خطن جو مجموعو- اڻ ڇپيل.
(١٦) ساهڙ جا سينگار (علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جي خطن جو مجموعو)، ١٩٦٩ع ۾ شايع ٿيو.
(١٧) جيئن ڏٺو آهي مون (سنڌيءَ ۾)، ١٩٦٨ع ۾ شايع ٿيو.
(١٨) بمبئيءَ کان سنڌ جي آزادي (سنڌيءَ ۾)، ١٩٦٨ع ۾ شايع ٿيو.
(١٩) سنڌ جي تهذيب ۽ ڪلچر- اڻ ڇپيل.
(٢٠) مٽياري سيدن جي تاريخ ۽ شجرا- اڻ ڇپيل.
(٢١) پيغام لطيف (نئين سر ترتيب ڏنل)- اڻ ڇپيل.
(٢٢) شهيدان سنڌ- اڻ ڇپيل.

---

# آخري ٻه اکر

## (١)

حق گو ۽ بي باڪ

سنڌ جي هن سيد سونهاري جي ڪهڙي ادا آهي، ڪهڙي وصف آهي، جو سياسي ۽ ملڪي ميدان ۾ ان جي اظهار جو خيال پيدا ٿئي ته خود آدمي وجود رقص ۾ نه اچي ۽ قلم پنهنجي قسمت جي خوبيءَ تي ناز نه ڪري! غور سان ڏسبو ته هن جا عيب ئي ثواب آهن. غازي ۽ مجاهد، تِنهن جا عيب عيب رهڻائي ڪونه آهن. پنهنجا هجن توڙي پراوا ڄاتي حق ۽ انصاف جو معاملو سامهون آيو، هيءَ نحيف هڏن جو پيرو اگهاڙيءَ تلوار جيان سامهون اچي ويندو رهيو آهي. آها خاڪ قسم خدا جو چمڻ جي لائق آهي، ڄاتي هين محسن قوم جا قدم پون.

جي ائين نه هجي، ته بيمارين بدن کي نهوڙي رکيو آهي ته ٻه هن جي هيبت ۽ دهشت چو غيرن کي ائين لرزش ۾ وڌيون اچي ٿي! اوڏين، نجي ملاقاتن ۾ اهڙو نماڻو جيئن خاڪ، پر معاملو اچي بيهي صداقت ۽ انصاف جو، ته هڪ تر هن کي موڙڻ محال. سون دوستن يارن جو اهو تجربو آهي ته، سواءِ مان هڪ مسڪين جي، هو ڪنهن ڪان موڙيو نه ويندو.

هن سان هندن مسلمانن جون گهاٽي ۾ گهاٽيون يارانيون هيون، پر انهن سڀني کي موقعي ۽ مهل تي اهو ڏسڻو پيو، ته سيد اعظم جي. ايم. سيد فقط حق جو ساٿي آهي. حق جو معاملو

تہ، سواءِ مان هڪ مسڪين جي، ٻين ڪي اهو ڏسي تعجب ٿيڻ لڳو تہ هيءَ اهڙي ڪَرّ وفَرّ سان ڳالهائي رهيو آهي ڄڻ تہ پاڪستان ٺهڻ جو حڪم صادر ڪري رهيو آهي. مان نہ ان وقت، نہ هاڻي ٻہ، سندس انهن قدرتي صلاحيتن کان متعجب هوس ۽ آهيان. سيد صاحب منهنجي نزديڪ قدرت طرفان ڪنهن خاص مقصد لاءِ غيرمعمولي طاقت جو حامل بڻايو ويو آهي.

سندس بي پناهہ جذبي صداقت جو اثر ڪنهن کي ڏسڻو هجي تہ اهو ڏسي تہ ڪيئن سندس سحر ۾ اچي سنڌ جا هندو ڪانگريسي، ليگ ۽ پاڪستان جا عملاً حامي بڻيا! منهنجي ۽ خانبهادر شهيد اللهبخش جي سياست جي مقابلي ۾ هو ظاهرظهور ليگ جي آل انڊيا ليڊرن مان هو ۽ سنڌ ۾ ليگ جي نئين زندگيءَ جو پايو وجهندڙ آهي، پاڪستان جو ناهيندڙ آهي- تہ ٻہ سيئي هندو ڪانگريسي ۽ ٻيا هندو اسيمبلي ميمبر سندس ئي اشارن تي يڪمشت ٿي، مرحوم شهيد الله بخش جي حڪومت جي ڊاهڻ ۾ لڳي ويا! اِها حقيقت هڪ طرف انهن ڪوڙن ۽ فتن پردازن جي ٻوٽ تي چماٽ آهي، جيڪي شهيد الله بخش کي هندن جو هٿ ٺوڪيو چوڻ آکڻ ۾ تاامروز مشغول آهن. ٻيا وري ٻيون سمجهاڻيون ڏيندا رهندا آهن. خود سيد صاحب ٻہ مختلف توجيهون ڪيون آهن، پر ڪا ٻہ بي توجيهہ ٺهڪي نٿي اچي، سواءِ ان جي تہ حضرت جي. ايم. سيد جي چوڻ آکڻ تي سيئي هندو حواس باختہ ٿي ويا ۽ هو، ڪانئس سواءِ، ٻئي جي سمجهڻ سمجهائڻ ۽ باز اچڻ لاءِ تيار نہ ٿيا. مان واڪا ۽ رڙيون ڪيون تہ ڪم بختو! پاڪستان جي مدد ڪريو ٿا، سيد اوهان کي اوڙاهہ ۾ وجهي ٿو، پر هڪ نہ ٻڌائون!

انهن آدمين کي جيڪي سيد اعظم جي پاڪستان ناهڻ جي سلسلي ۾ ڪارپردازين کي غلط رنگ ڏين ٿا، منهنجي هيءَ تحرير ڏسي ڦاهو کائي مرڻ گهرجي.

تاريخ جو بحث واقعات ۽ حالات تي آهي. آزاديءِ هند جي پونين

ٽيهن سالن جي راهه ۾ اسان خود راهرو رهيا آهيون. اسان ئي اها تاريخ ٺاهي آهي. ان تاريخ جا مصنف اسان آهيون. پاڪستان آزادي' هند جو هڪ تتمو ۽ نتيجو آهي. انهن واقعات ڪي اسان ڪان وڌيڪ جيڪو ڄاڻڻ جو اظهار ڪندو، سو ڪوڙو ۽ دولابي آهي.

چنانچه مان ڪليل اسيمبليءَ ۾ سنڌ ڪانگريس جي فيصلي جي برخلاف پنهنجو ووٽ، ظاهراً هڪ هنگامہ خيز تقرير ڪان پوءِ ڏنو ته توهان پاڪستان ٺاهيو ٿا ۽ ليگ جي حمايت ڪريو ٿا؛ مان پاڪستان جي مقابلي ۾ ۽ ڪانگريس جي بچاءَ ۾ ووٽ استعمال ڪريان ٿو. تاريخ جي صفحن تي توهان جي ووٽ ۽ منهنجو ووٽ ظاهر ٿي بيهندا؛ توهان جي ئي ووٽ تي پاڪستان ٺهندو ۽ منهنجو هيءَ ووٽ ان جي مخالفت ۾ آهي.

بهرحال، منهنجي هن ووٽ تي ئي مرحوم شهيد الله بخش جي وزارت بچي ويئي. مان بيمار هوس. مان کي اسٽريچر تي خانبهادر حاجي مولا بخش منهنجي هوٽل مان کڻي آيو هو. مان ويٺي اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪئي هئي. رسيس وقت مرحوم خانبهادر شهيد الله بخش مان کي ڳچيءَ ۾ اچي پاڪر پاتو ۽ سندس اکين مان خوشيءَ ۾ محبت سان ڳوڙها ڳڙي منهنجي ڳلن تي پيا. چوڻ لڳو، "هي ڇا؟" مان فخر ۾ ٻرجي ڪيس جواب ڏنو ته "هيءَ اِهو آهي ته منهنجو ووٽ تنهنجي برخلاف استعمال ٿيڻ لاءِ نه آهي!"

محبت ۽ دوستيءَ جو هيءَ قسم به ملاحظي هجي ته انهيءَ رسيس ۾ منهنجي ئي دعوت واريءَ چانهه جي ميز تي سيد اعظم جي. ايم. سيد ۽ فخر انسانيت شيخ عبدالمجيد هئا. الله بخش جو ساٿ ڏيڻ به عشق و محبت جي ۽ حق شناسيءَ جي تقاضا هئي، ۽ هيءَ چانهه جو پيالو هنن جي معيت ۾ پيئڻ به عشق و محبت حقيقيءَ جو ثبوت ڏيڻ هو. سيد صاحب سان منهنجي غلامي ۽ فخر انسانيت شيخ صاحب سان منهنجي نيازمندي هنن هنگامن ۽ طوفانن ۾ پٺي ائين ثابت ٿي آهي، جيئن هن موقعي تي: ووٽ شهيد حق الله بخش

مان ئي اڪيلو اٿي بيٺس. چوڻ لڳس، نهايت پريشان ڪن الفاظ ۾، ته "توهان هيءَ ڪريو ڇا ٿا؟ ڪلو ٿا! منهنجو ته خوف ۽ هراس ڪان بدن ڏڪي ويو آهي". سيد جيڪي چيو، سو ڄڻ تقدير جي قلم لکي ڇڏيو. سنڌ مان هندو مان ڪي هڪاليل نظر اچن، اهي لفظ، پاڪستان نهڻ جي پڪ ٿي، آن زماني ڪان گهڻو اڳ جا آهن. هندن جي حيثيت ان وقت ملاحظي هجي. مهاتما گانڌي، جواهرلعل نهرو، سڀ جيئرا هئا. نيتا جي سباش چندر بوس، جپان ۾ "جئه هند" جو نعرو بلند ڪرائي رهيو هو. سواءِ صوبه سرحد جي ٻين سڀني پرڳڻن تي ڪانگريس ۽ هندن جي زير اثر يا صفا ڪانگريسي وزارتون هيون. ڪنهن به ٻئي مسلمان ليڊر ڪي هن قسم جي چئلينج ڏيڻ جي نه اڳ ۾ نه بعد ۾ همت ٿي. سيد اعظم تي ٻين جي پوئلڳي ڪرڻ جا الزام ڏريندڙ پنهنجي گريبان ۾ نگاهه ڪن.

سنڌ اندر ۽ خود سنڌ ڪي هيءَ مسلم ليگ جي تحريڪ جو اڳواڻ نه بڻائي ها، ته ليگ جو حال ڇا هجي ها. فقط سنڌ ئي هئي، جنهن ليگ جي مدد ڪئي. اها مدد فقط هن بهادر، نڊر ۽ قول و فعل تي محڪم رهندڙ پيدائشي ليڊر ئي سنڌ ڪان ڪرائي.

بارها هن جي جوانمرديءَ جو فلڪ ڪجرو امتحان ورتو آهي، ته به ضد، ته به حسد. حق هيءَ آهي ته هيءَ مرد حق گو، حق بين ڪنهن جو به پيچ لڳ نه آهي. هاڻي به جي ضرورت محسوس ڪيائين ته ميدان ڪارزار ۾، نظر بندين ڪي ٽڪ هڻي، هندن، پارت ۽ ٻين پنهنجن توڙي پراين ناحق تي فخر ڪندڙ ڪوتاهه انديشن جي مقابلي ۾ نعرهٔ اسدالاهي هڻي اچي بيهندو. مردانِ حق تي اعتراض ڪندڙؤ! ڪجهه حيا ڪيو، ڪجهه شرم ڏاريو! جنهن جي همت مردانه جي سهاري تي جيئرا ٿيا آهيو، ان ڪي تڪليفون ڏيو ٿا!

تفو برتو اي چرخ گردون تفو!

( ۴ )

## سيد اعظم جي دلاويز شخصيت.

## سندس مخالفت جو اصلي ۽ واحد سبب ڇا آهي؟

هيرو ۽ لعل اونده انڌوڪار ۾ زياده زيب و زينت ۽ سوڀيا سان چمڪندو آهي. ڏسندڙ فقط هڪ ٻئي اکين وارو هجي، ڀيا سڀ انڌا هجن، ته به ان جي نوراني تجلين ۾ ڪمي ڪا نه ايندي. انهيءَ قسم جو لاثاني هيرو لعل سنڌڙيءَ جي ڏورانهين ڳوٺڙي سن، ضلعي دادوءَ ۾ چاول نپنل حضرت سيد اعظم مشهور جي. ايم. سيد آهي. آهو دل جي اکين جو انڌو ڇٻو، جنهن جون اکيون سيد صاحب کي ڏسي نه ٺرن، ۽ دل شاد ۽ باغ بهار نه ٿئي.

سنڌ ۾ اڄ اونده انڌوڪر آهي. ان بيان ۾ هرو ڀرو سياسي دشمنيون پيدا نه ڪجن: مطلب هيءَ آهي ته سنڌ جي عام ماڻهوءَ کي ته ڇڏيو پر پڙهيل ڳڙهيل جي ملڪي معاملات بابت سوچ ويچار جي اهڙي حالت آهي جو سنڌ جي تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ نه رهي آهي. سنڌ هميشه کان هڪ جئيرن جاڳندڙ ماڻهن جو ملڪ رهيو آهي. ٻاهريان ته ڇڏيو پر ملڪي جابر حڪمرانن به هتان جي آدمين جي غيرت ۽ عزت کي مجموعي طور ڪڏهين پوريءَ طرح قبضي ۾ نه رکي سگهيو. تاريخ جو اهو معمولي سبق آهي، جو ڪنهن به ڇاٿوءَ کان ڳجهو نه آهي. هر دور ۾ جائز حقوق لاءِ هتان جي آدمين جدوجهد ۽ زندگيءَ جو ثبوت پئي ڏنو آهي. فقط هيءَ دور آهي، جو ايڏن سارن تعليم يافته آدمين جي هوندي، جن جي سمجهه ۽ عقل کي ملڪ جي ڪنهن به پئي حصي کان وڌ ڪري ليکڻ ۾ وڌاءَ نه ٿيندو پر گهٽ ليکڻ واڌاءَ ٿيندو، بي حسي ۽ بي خبريءَ جو عالم ان حد تائين ڇانيل آهي، جو سنڌ جي وڏي ۾ وڏي محسن سيد اعظم جي. ايم. سيد جي اصلي شڪل و صورت ڀيا ته ڇڏيو پر پنهنجن کان به لڪل آهي! آهي اهو احساس نتا رکن ته هن ڪهڙو گناهه ڪيو، ڇا ڪيائين؛ جو آسمان هن تي

ڪاوڙيل آهي. هِن سدابهار سنڌڙيءَ جي ٻهڪندڙ گل گلاب جي دل موهيندڙ صورت ۽ دماغن کي معطر بڻائيندڙ خوشبوءِ کي اِن طرح بند ڪيو ويو آهي، جو ان حال کي ڏسي، طبع ۾ وحشت ۽ جائز غصو پيدا ٿئي ٿو- ماڻهو سنڌ جا اهڙا بي حس ٿي ويا....!

ڪاوڙ ۽ غصو ڪيترو ئي جائز ڇو نه هجي، وحشت ۽ دل برداشتگي ڪيتري ئي باموقع ڇو نه هجي، ته به انهن کي ضبط نه ڪبو ته نقصان ٿيندو- سوڪن حدن اندر صبر ۽ ضبط کان ڪم وٺڻ ٿو. ورنه مان پارو شعله مزاج آدمي ۽ ضبط....!

سيد اعظم جي. ايم. سيد جي خلاف حڪومت ڪندڙن جو منصوبو ڪونه آهي. حالات ۽ واقعات اهڙا بڻيا، جو هن جي اصلي شخصيت اجا سوڌي عيان نه ٿي آهي. غير معمولي حالات ۾ غيرمعمولي همت ۽ جرائت ڏيکارڻي آهي- سا سنڌ ۾ اجا آئي ڪاڏي آهي؟

سڀ کان اول سيد اعظم بابت اهو خيال ته هو غير سنڌين برخلاف نفرت ڦهلائيندڙ جذبي ۽ تحريڪ جو واحد ليڊر ۽ علمبردار آهي، اهڙو هڪ ڪوڙ آهي، جنهن کي وجود ئي ڪونه آهي. جيڪو شخص پيدائشي پير ۽ گادي نشين هجي، جنهن جي ملندڙن ۾ هر طبقي، هر مذهب، هر قسم جا آدمي هجن، جنهن جي دوستن، واقفڪارن، يارن احبابن جو دائرو ايڏو وسيع هجي، سو تنگ نظريءَ جي هِن قسم جو شڪار ٿيندو ڪيئن؟ هن وٽ سچ ته "انسان" ئي هڪ درجو ۽ هڪ قوم واحد آهي. سنڌي ۽ غير سنڌي سڀ الله جي مخلوق. هيءَ مخلوق خدا جو راتيان ڏينهان خدمتون ڪندڙ پانهو الله جو، سو ان قسم جي نفرت جي آگ ڪيئن ڦهلائيندو؟ هن وٽ انهيءَ معنيٰ ۾ نه ڪو سنڌي نه ڪو نان-سنڌي، سڀ يڪسان، سڀ برابر آهن. پاڻ خانقاهي فضا جو پروردو- هن وٽ ته وڏ نندائيءَ جو فرق به ڪو نه آهي. زور ڪري هن پاڻ لاءِ ڪي ڪميونسٽ اصطلاح گهڙيا آهن. پر آهي اصطلاح سندس زبان ۽ قلم تي گويا اڻڪيو پون. سندس دوستين جي لسٽ مختصراً ملاحظي هجي.

ڪري ڏيڻ ئي هن وٽ اصل ايمان آهي. راڄن مهاڄڻن وارو اصلي سيد، سو دوستين دشمنين ۾ آئي وقت فرق ڇاڻندو ئي ڪونہ آهي-

دل درياهہ، سمندر تانگها، ٿاهہ پسائي،
ڀول آنهيءَ جي ڀانهڙي آهيان!

حقيقت جڏهين اهڙين دل آويزين واري آهي، تہ پوءِ آخر هيڏو سارو طوفان هن جي برخلاف ڪڙو ڇو ٿيو ۽ ڪنهن ڪيو؟ جواب لاءِ حالتن کي ڏسجي. سنڌ جي ٻي خبرين ۽ ٻي حسين کي تورجي ماپجي. ائين تہ ڪونہ آهي تہ ڪو سنڌي ٿيو تہ بس هُن کي لَپ اٽي جي ڏني ۽ هن جو نڪ ڪپي ونجي! ائين برابر سورنهن آنا صحيح آهي تہ سنڌين ۾ جيڪي ٽالي وارا آهن، تن اڪثريت ۾ لپ اٽي خاطر ۽ گڏهہ جي ڍانڊوري خاطر نڪ ڇپ پٺي ڪپايا آهن. آنهيءَ اڪثريت جي مقابلي ۾ سنڌ جي عزت ۽ شانَ مانَ ۽ مرتبي جي حفاظت وارو آهي سيد اعظم. سنڌ ۾ مالَ مليدا، زمينون ملڪيتون بہ جام ۽ عام آهن- آسودو ۽ سائو ملڪ آهي. نہ فقط پين ائين ڄاتو، پر خود سيد اعظم بہ پنهنجي اعلي اصول ۽ حقاني مسلڪ تي اڏول ۽ مردانہ وار بيهڪ سان اهو ثابت ڪيو تہ سنڌ نڌڪٿو ملڪ ڪونہ آهي. سنڌ ۽ سنڌين جا بہ ڪي حق آهن. اهي ڪهڙا سنڌي آهن، جن جي حقن جي رکپاليءَ لاءِ هيءَ جوڌو جوان ڪمرڪشي ميدان ۾ بيٺو ۽ مان جهڙا مسڪين وچي گوشہ نشينيءَ جي ان حد تائين پهتا، جو گدڙ لومڙ، ڏيڏر ۽ آنڍڻ بہ نہ فقط حڪومتي درٻارين جا بلڪ آزاديءَ جي تحريڪ جا بہ پاڻ کيَ مالڪ ۽ والي وارث سمجهڻ لڳا- تن سنڌين جو اڄا سوڌو پتو ڪو نہ پيو آهي. پير علي محمد راشدي رنگارنگي مضامين لکندو رهندو آهي، تنهن بہ اڄا تہ اهڙو مضمون ڪونہ لکيو آهي، جنهن ۾ انهن غيرتمند سنڌين جو پتو پوي، جن جي حقن جي حفاظت خاطر سيد اعظم پاڻ کي نهوڙي رکيو. محفلي ۽ مجلسي مڙس، سون ۽ هزارن جي مجلسن ۽ محفلن جو سردار ۽ سرپنچ- سو جيلن

جنهن اسلام خاطر ماءَ پيءُ، پيڻ پائر ڇڏيا، ۽ اسلام ۽ مسلمانن جي سڄي سال لاڳيتو بي مثال ۽ شاندار نموني ۾ خدمت ڪئي. صوبہ پرست آهيو تہ پوءِ توهان آهيو، جو هھڙن باعظمت انسانن جي عظمت کي ڇانٽي سمجهي، توهان کي ساڙ ڏو اچي تہ قدرت توهان کي ميٽي، پوئتي ڇڏي، هن ئي بظاهر خفتہ خطي کي اهڙن بي مثال ۽ بي نظير ليڊرن جي جاءِ پيدائش بڻايو ڇو؟ اِها لڙائي آهي تہ پوءِ خلاق ارض و سملوات سان لڙائي آهي- حضرت سيد اعظم تي ڇوهہ ڇوڏا ڇنڊيو! هيءَ بہ انسان آهي- گوشت و پوست جو ٺهيل- صحت ۽ سگهہ جو اهو عالم اٿس، جو معمولي نشت و برخواست بہ پوريءَ طرح ڪري نٿو سگهي. هن عمر ۾ هُن سان الله جي ڪئي تي سختيون ڪرڻ ناروا ۽ ناجائز ڪم آهن. وڃي مقابلو ڪريو آنهيءَ سان، جنهن سنڌ تي ڪرم ڪيو، جو هھڙيءَ ڪاريءَ رات ۾ هھڙي شمع فروزان ان کي عطا ڪيائين!

ڪو آهي، جو منهنجي هنن آهُن ۽ دانهن کي داور در پهچائي!

آخر ۾، انتساب جا لفظ، جي پهريائين آيل آهن، سي هتي وري دهرايان ٿو- چاڪاڻ تہ کهڙن لفظن سان هن دلاويز ۽ روح افزا تذڪري جي پڄاڻي ڪيان، سي پيا ڪو نہ ٿا سُجهنم- تنهنڪري، هن ڪتاب جو انتساب وري بہ تو سنديءَ جي نالي ڪريان ٿو، جنهن کي سنڌ جي عزت ۽ بقا جو فقط احساس ئي ڇو نہ هجي!

---